

بهارن ۾ ڳولي وٺو
(شاعري)
سائر حسين

# بهارن ۾ ڳولي وٺو

(شاعري)

## سائر حسين

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

کتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

کتاب جو نالو: بهارن ۾ ڳولي وٺو

موضوع : شاعري

شاعر : سائر حسين

ڇاپو پهريون : جون 2021ع

ڪمپوزنگ : صاحب خان "سورهه" ميراڻي . Cell No: 0344 — 3919786

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

# ارپنا

## پنهنجي نندڙي ياءُ مولوي عشاق علي جي نانءِ

جنهن کي ديني تعليم ڏياري مولوي، عالم بڻايو، منهنجو خواب الله رب العزت جي ذات پورو ڪيو، منهنجو نندڙو ياءُ منهنجي لاءِ بابا ۽ امان جا فرض نڀائي رهيو آهي.

## سائر حسين



مولوي عشاق علي چانڊيو

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نوجوان شاعر **سائر حسين** جي غزلن جو مجموعو**”بهارن ۾ ڳولي وٺو“** اوهان اڳيان پيش آهي.

سائر حسين جي شاعريءَ ۾ پنهنجو رنگ آهي، هن جي رنگن جي ٻولي به نرالي آهي ۽ هن جي خيالن جو ڪينواس به آرٽيفيشل ناهي، رنگ برنگي خيال هن جي برش مان ٻڏي، احساسن کي پينٽ ڪن ٿا ته اهڙي ته شاندار تصوير ٺي جڙي پوي. سائر شاعريءَ ۾ نه صرف پنهنجو درد بيان ڪيو آ پر پوريءَ سنڌ جو درد به بيان ڪيو آهي. سائر جي شاعريءَ ۾ درد، عشق، وڇوڙو، وصل، سنڌ سان محبت، بک، غربت، اميري، پيري، فقيري مطلب ته هر موضوع سمايل آهي.

هي ڪتاب ڪنهن به اداري ڇپايو ناهي پر سائر حسين سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ ڊجيٽل ايڊيشن لاءِ موڪليو آهي، ادارو سندس ٿورائتو آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# وچور


| | | |
|---|---|---|
| • پانڌي آهي پيار جو ــ سائر حسين | پير بها سرهندي | 08 |
| • لفظن جي مالها جوڙيندڙ شاعر | سجاد مهر | 11 |
| • راهون مهڪائيندڙ راهرو | حبيب متو | 12 |
| • احساسن جو شاعر | اعجاز احمد خليلوي | 14 |
| • سائر ڪي ڪير نہ سڃاڻي | ميجر امداد سهتو | 17 |
| • شاعري منهنجو وجود | سائر حسين | 19 |
| • غزل | ...................................... | 23 |

# ”پانڌي آهي پيار جو ـــ سائر حسين“

اسانجي سنَ ۾ شاعر تہ ڪافي ٿي گذريا يا جيڪي پڻ آهن مگر صحيح عروض جي ڄاڻ تمام ٿورن شاعرن ۾ آهي. انهن مان هڪ سائر حسين بہ آهي . سائر حسين عروض جو تمام پختو شاعر آهي. فڪر ڪي پنهنجي هر شعر ۾ ڪٿي هلندو آهي . تمام پلو ڪوي آهي. سندس شاعري بلڪل منفرد هوندي آ.
هڪ هنڌ چوي ٿو.

مون پيءُ ڪٿو امان بہ ڪٿي ۽ ڪٿو قبيلو
سائر ملي جو ذات هڪائي ، ۽ پارسائي

اڳهاڙپ بک ڪڏهن آخر ڏڪيندي
ننگو دنيا ڪري مونکي ڇڏيندي

هن بند ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ترجماني ڪيڏي سندر انداز ۾ پيو ڪري.

وصل جي خلش پئي چپي مون ۾
مان صدين ڪان چپي رهيو آهيان

هجر ۾ مان ٻري ٻري هاڻي
ميڻ وانگر اجهي رهيو آهيان

تصورن ۾ وري محبوب ڪي ڏوراپو هن طرح ٿو ڏي.

ڪر ياد سياري جا لمحا
ڪو سرد پهر جو تير هنيئي

هن ڪونج جيان وڇڙي دل کي
سڏڪن جي ثمر جو تير هنيئي

قومي جذبي کان بہ سائر حسين خالي ناهي .

پاڻ سائر گهرون ٿا آزادي
سنڌ جو تذڪرو وٺي هلجي

شبابي قرب کي هن طرح ياد ٿو ڪري.

هوءَ ٿي جواڻ هن ڳوٺ ۾
اڄ بہ آب تاب ۾ ٿي رهي

سچي سنڌي ٿيڻ لاءِ نرالي انداز ۾ تمنا ڪري ٿو.

سنڌ کي ڏي وري پٽائي تون
يا خدا هي وڏو سوال نہ آ

يا وري

هي مسافر پوڏ جا پٽڪن پيا
تن کي پچڙن سان سڏي ڪارائجي

هي پنهنجي غم کي محبوب جي ياڪر ۾ اچي ختم ٿو ڪري.

منهنجي ماضيءَ جو هندورو
ياڪر تنهنجي منجهہ لڏي ٿو

ڇا تہ فڪر جي گهرائي آهي. سندس فڪر جو اندازو هن بند مان لڳايون ٿا.

آنءُ اڏري وڃان ٿو خيالن ۾
تنهنجي يادن جو ڍير اپ تي آ

فراق جي حالت جو اندازو وري هن طرح سان ڪري ٿو.

هن ڪونج جيان وڇڙي دل کي
سڏڪن جي ثمر جو تير هنيئي

سائر حسين شاعريءَ جو اهو موتي آهي جيڪو ڪهڙي بہ حالت ۾ پنهنجو رنگ ۽ روشني اجاگر ڪري ٿو.

ربط ۾ باڪمال آهي . تسلسل هن جي هر غزل جي سڃاڻپ آهي. ردم ۽ روانيءَ جي سيلاب ۾ سائر حسين اهو ڪجھ چئي ويندو آهي جيڪو شايد ٻي ڪنهن کي ڪافي دير سان خبر پئي. ٻوليءَ جي لطافت جو هي وڏو ڄاڻو آهي.

سندس شاعريءَ ۾ فقط عشق مجاز ناهي بلڪہ قوم کي پيغام پڻ آهي. هو تمام برجستو ڪوي آهي. هر بحر تي مڪمل ڄاڻ رکندڙ آهي. مطلع کان مقطع تائين ڪٿي بہ جهول نہ رکندڙ هي شاعر سنڌ جو سهڻو شاعر آهي.
شال سلامت هجي ۔ آمين ۔

**پير بها سرهندي صاحب ۔ مٽياري** 19.06.2012

# لفظن جي مالها جوڙيندڙ شاعر

سائر حسين جي شاعريءَ ۾ پنھنجو رنگ آھي، ھن جي رنگن جي ٻولي بہ نرالي آھي ۽ ھن جي خيالن جو ڪينواس بہ آرٽيفيشل ناھي، رنگ برنگي خيال ھن جي برش مان ٻڏي، احساسن ڪي پينٽ ڪن ٿا تہ اھڙي تہ شاندار تصوير ٿي جڙي پوي، لڳي ٿو تہ اھا ”پڪاسو“ پاڻ پينٽ ڪري ويو آھي.

ھو لفظن ڪي ھرويرو گھمائي ڦيرائي پڙھندڙ جي مٿي ۾ نہ ٿو ھٽي، پر بي ساختگيءَ سان لفظ جيڪا سنگت ڪري ھن وٽ سلھاڙجي اچن ٿا، ھي انھن ڪي رڳو پنھنجي ترتيب سان چنڊي ڦوڪي رکي ٿو ڇڏي.

شاعري ھونئن بہ يا تہ دل ڪي وٽندي آھي يا صفا ناھي وٽندي. وچ وارو آپشن شاعريءَ لاءِ ٿي نٿو سگھجي. ھر ڪنھن جي پسند ۽ ايپروچ بہ وري پنھنجي پنھنجي آھي، انڪري ھر شاعر جي ھر شيءِ ھر ڪنھن ڪي ھر اسم پسند پوي اھو ضروري بہ ڪونھي، ھا البتہ ڪافي اسم دل ڪي ڇھندڙ ھجن تہ ان ڪي ڪامياب شاعري چئي سگھجي ٿو. ۽ سائر جي شاعريءَ جا الاھي اسم سگھارا ۽ دلڪش پڻ آھن.

ان حوالي سان سائر پنھنجي صلاحيتن آھر جيڪو ڪجھ اسڪرين تي آٽي سگھيو آھي ۽ اسان ڪي پڙھايو آھي اھو جس لھڻي ٿو. ڇو جو ھي معصوم شاعر وسيلن کان وانجھيل ھجڻ ڪري ھميشہ زندگيءَ ڪي پوڄيندو رھيو آھي ۽ لکندو بہ رھيو آھي. لکڻ ۽ جيئڻ ھن لاءِ ائين آھي جيئن ساھ جي لاءِ آڪسيجن ..... لکڻ ھن ڪي آڪسيجن ڏيندو رھيو آھي ۽ ھي مختلف تڪليفن ۽ پيڙائن ڪي پاسيرو رکي بہ لکڻ واري ڪرت سان لڳل رھيو آھي. اڄ جڏھن مون ھن جا ڪافي اسم ھڪ جاءِ تي پڙھيا تہ دماغ جاءِ تي اچي ويو. ڪيڏي نہ محنت ۽ محبت سان ھن لفظ لفظ ۾ پوئي مالھا جوڙي آھي...... مان سندس اھڙي ڪلام تي سلام پيش ڪيان ٿو ان اميدَ سان تہ ھن جي قلم جو اھو پورھيو سدائين ھن ڪي لکڻ ۽ سٺي لکڻ جو ڏس ڏيندو رھندو .....

بروز چنڇر 18 جون 2021

**سجاد مھر**

ضلعو ۽ سٽي شڪارپور

# راھون مھڪائيندڙ راھرو

موجوده دور ۾ جتي شاعريءَ جا ڪتاب زياده تر ڇپجي رهيا آهن ته ڪجھ حلقن طرفان وري شاعر کي محدود سوچ ذريعي ننڍ وڏائي جي ماپن سان ماپيو پيو وڃي.

منهنجي نظر ۾ ادب ڪو ريس جو ميدان ناهي جو ان ۾ ڪير ڪنهن تي فاتح ٿي سگهي يا ڪير ڪنهن کي هارائي سگهي، تخليقڪار صرف پنهنجي شعوري يا لاشعوري طور خيال پيش ڪري سگهي ٿو جيڪو ڪامل يا غير ڪامل به ٿي سگهي ٿو.

هميشه تخليقڪار کي پنهنجي تخليقي سگھه وڌائڻ لاءِ ڪوشان رهڻ جي ضرورت هجي ٿي، جنهن سان شاعر جي علم ۾ اضافو ته ٿئي ٿو پر سندس شاعري پڻ پروان چڙهي ٿي تنهنڪري شاعريءَ جي ميدان ۾ ماپا ڪٿي بيٺل طبقاتي سوچ رکندڙ قلمڪارن کي هميشه ادب جي پانڌيئڙن جو ساٿ ڏئي سندن سفر ۾ سٺي رفيق بڻجڻ جي ضرورت آهي جيئن ادب جو آڪاس رنگين ستارن سان جهلملائيندو رهي. رائنر ميريا رلڪي Riner Meria Rilky جرمنيءَ جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن شاعريءَ ۾ نوان ۽ متاثر ڪندڙ خيال آندا آهن ۽ فلسفي سان تعلق رکندڙ ڪي ئي خيال اڀاريا آهن، موجوده دور ۾ ڪيترائي شاعر پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي شاعريءَ کي جدت جي طرف وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ اهو عمل ايترو سولو به ناهي پر چوندا آهن ته ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي سو ڪوشش سان ڪاميابي ملڻ ممڪن آهي. اسان جي سٿ جو ساٿي پيارو سائر حسين چانديو ڪافي عرصي کان سنڌي شاعريءَ سان سلهاڙيل رهيو آهي، هي يار غريب ۽ طبيعت جي ناسازيءَ سبب ڪڏهن به پنهنجي همٿ ٽٽو هاري ۽ مسلسل لکندو رهي ٿو، شاعري سندس جنون چوان تڏهن به وڌاءُ نه ٿيندو. اهڙن ادب دوستن جي آڌار تي اسان جهڙن ڪاهل قلمڪارن جو هميشه جوش جاڳندو رهيو آهي.

سائر حسين چانديو جو هي ڪتاب "بهارن ۾ ڳولي وٺو" جيڪو سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، مون کي شاعريءَ جي منزل طرف ڇڪيندڙ مقناطيسي طاقت جو سگهارو وجود محسوس ٿي رهيو آهي، جنهن سان يقيني طور سنڌي ادب جو بول بالا ٿيندو ۽ نون لکندڙن لاءِ اتساهه جو سبب بڻجندو.

**حبيب متو**
هنگورجا ضلعو خيرپور ميرس
matoohabib@gmail.com

# احساس جو شاعر ـــ سائر حسين

عهدِ حاضر ۾ منهنجا هم عمر شاعر ته ڪافي آهن ۽ جيڪي تمام بهتر لکن پيا جن جا شعر دل کي جنجهوڙي ڇڏيندا آهن، انهن مان هڪ سائر حسين به آهي، جنهن کي علم عروض، علم قافيا تي به تمام گهڻي دسترس حاصل آهي.

هي شعر نه صرف شعر آهي پر اندر جو اهو آواز آهي جنهن ۾ درد ئي درد سمايل آهي.

ڪا خوشي ڪو نه آئي منهنجي اڱڻ،
درد هو هانءُ جي بيٺو ڪيٽ تي.

ساڳي ئي غزل جي ٻئي شعر ۾ سائر درد کي هن طرح بيان ٿو ڪري ته :

پاڻ ساڙي ڇڏيو مون سگريٽ سان،
هر تمنّا رکي هن پاڪيٽ تي.

سائر کي علم عروض تي ايتري دسترس آهي جو هر نئين ايندڙ خيال کي بغير ڪنهن متا۔ ستا جي ڪنهن نه ڪنهن وزن بحر تي غزل پورو ڪندو آهي ڇو ته عروض ڪائنس ڳجهو ناهي. هي شعر به بغير ڪنهن اضافي لفظن جي وزن جو پورائو ڪيو بيٺو آهي.

هن عمر جي نس نس ۾ سائر،
هر وقت زهر جو تير هنيئي.

سادي لهجي ۾ ڪيڏي نه ڳالهه چيل آهي. محبوب سان مخاطب به ڪيڏي سهڻي انداز سان ٿيل آهي، ڪيڏي نه منجهس نرمي آهي، فاعلاتن مفاعلن فعلن (هنن شعرن ۾ هي وزن تمام گهڻو لکيو ويندڙ آهي، ڇو ته هن وزن ۾ موسيقي تمام لاجواب هوندي آهي)

مان ته تنهنجي پڳو هان پاڪر ۾،
ڇو نهارين ٿي ته ڪير اپ تي آ؟

ماضيءَ ۾ خطن جو رواج تمام گهڻو هو مگر هن عهد ۾ فون ڪال، ميسيج وغيره عام آهي جيڪڏهن ماضيءَ طرف جهاتي پائجي ته هي شعر پنهنجي پوري افاديت سان پاڻ مڃائڻ جو حامل آهي.

لفافن کي کولي پڙهو پيو ڪڏهن،
پرين خط پراڻن جون ڳالهيون ٻڌو.

واه ! ڇا ته شعر ۾ بيوسي بيان ڪيل آهي ۽ ڪيڏي سٺي نموني دردِ دل بيان ڪيل آهي.

درد تنهنجو چئني رهيو آهي،
آئون مڪمل ٽٽي رهيو آهيان.

جيئن جيئن سائر جي شاعريءَ تي نظر وجهجي ٿي ته مختلف پهلوئن تي سندس شعر ملن ٿا. واقعي سائر جي غزلن ۾ ڇال ڏنل آهن.

آئون اونداهه کي ترڙي سائر،
باک وانگر ڦٽي رهيو آهيان .

سنڌ سان محبت جو اظهار به بي حد وڌيو، شاعر جي دل ۾ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان پيار نه هجي ته اهي شعر ئي چوڻ فضول ڇئبا.

مون کي جنّت ئي تڏهن ملندي اي سائر،
مان دفن ٿيندس جڏهن سنڌ جي مٽيءَ ۾.

ڪافي شعرن تي گهڻو ڳالهائي سگهجي ٿو مگر طوالت سبب مختصرن ڳالهائڻ ئي بهتر سمجهان ٿو.

واقعي انسان ڪڏهن موج ۾ هوندو آ ته ڪڏهن وري غوطن ۾، سائر هڪ کلندڙ گهمندڙ انسان هو، جنهن کي بيمارين تمام لاچار ڪري هڪ هنڌ ويهاري ڇڏيو آهي!!

سک جي ديوار تان سائر ڪريو هو،
همسفر ۽ وراڻو ٿي اچين ها.

بلڪل حوصلو اهڙي طاقت آهي جنهن سبب انسان پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ٿو.

منزلون هي ڏکيون لڳن ٿيون پر
پو به سائر پڄڻ محال نه آ

انسانيت ۽ احساس جو اعلىٰ ترين معيار اهو آهي تہ جيڪو ڪائجي سو ئي غريب بي پهچن کي ڪارائجي . سائر جي رڳن ۾ سنڌ منڙيءَ سان مون جيئان پيار انتهائي جذباتي ڪري ڇڏي ٿو.

سنڌ جو سائر سچو آهي سپوت،
غير کي سائر هٽان مارائجي.

محبوب سان ملڻ جي تڙپ واقعي جنوري جهڙي مهيني ۾ بہ پگهر ڪڍيو وجهي.

جون جولاءِ ئي نہ پهتو آ،
آ متي اڳ مَئِي، هلي آءُ ني.

سائر نہ صرف پنهنجو درد بيان ڪيو آ پر پوريءَ سنڌ جو درد بہ بيان ڪيو آهي. سائر جي شاعريءَ ۾ درد، عشق، وڇوڙو، وصل، سنڌ سان محبت، بک، غربت، اميري، پيري، فقيري مطلب تہ هر موضوع سمايل آهي.

"بهارن ۾ ڳولي وٺو" پڙهندڙ (هن ڪتاب کي) پڙهي يقينن مطمئن ٿيندا ۽ ڪافي حظ ماڻي وٺندا، سائر جو پڙهندڙن لاءِ هي هڪ وڏو تحفو آهي، اميد ڪجي ٿي تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو ۽ هر نوجوان شاعر کي هي سائر حسين جو غزلن جو پهريون مجموعو ضرور پڙهڻ گهرجي. والسلام .

اوهانجو پنهنجو

**اعجاز احمد خليلوي**
تعلقو وارهہ ضلعو قمبر شهدادڪوٽ

# سائر کي ڪير نہ سڃاڻي

شاعر معاشري جو اهڙو حاذق آهي، جيڪو ڪيترين ئي سماجي بيمارين جي تشخيص ڪري انهن جو ترياق لفظن سان ڳولهي ڏيندو آهي. هو حق سچ جي جهنڊي هيٺ بيهي پنهنجي پيڙائن سان لڙي ڪنهن دکي دل جو آواز ٿي ايندو آهي. اهڙو ئي حاذق، اهڙو ئي آواز مون کي سائر به لڳندو آهي. سائر گهڻو ٺٺو ته پڙهيل ناهي پر قدرتي ڏات مٿس لهي هر جيءَ جي ڪائنس ترجماني ڪرائي ٿي. سندس شاعري عروض جي ماپ تور تي پوري ۽ جديد آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانس، بک، بادشاهي گداگري، محبوب جي مسڪراهٽ کان درد وچان هانءُ ڏارينڊڙ آهون، مطلب ته سائر جي اندر ۾ هر قسم جي اظهار جا پڪيئڙا پرَ کولي بيٺا اهن، جن لاءِ وليم ورڊس ورٿ چيو هو ته " شاعري اندر جي اڌمن جو بي ساخته اظهار آهي."

اهڙن اندر جي اڌمن کيس شاعريءَ جي ڏات ڏيئي "حسين علي" مان "سائر حسين" بڻائي ڇڏيو .....

سائر جي اندر مان نه صرف پنهنجي پيڙائن جا لفظ ٿوهه ٿڦي نڪرندا آهن پر ڌرتيءَ لاءِ به وقت بوقت خيال ڪنيين وانگر ڦونهڙو ڪائيندا آهن ، هو جڏهن ڌرتيءَ ڇاڃن تي هڪ نظر وجهي ٿو ته اهي کيس ڪنهن خنجر کان گهٽ نظر نٿا اچن، جن کي نينڊ ڏئي چوي ٿو ته

خنجر خنجر ماڻهو سارا
جهنڊا آٽيو پائر سارا

سائر جي پنهنجي اڌمن کان سواءِ هن ۾ هڪ عاشق به رهي ٿو جيڪو ڪائنس لکرائي ٿو.

تنهنجي زلفن ۾ وري جڪڙجي وڃان
ڏوهه ان ۾ شل مٺي پڪڙجي وڃان

هن کي زندگيءَ ۾ ايترا ته درد مليا آهن جو هو درد لاءِ به دعاڳو بڻجي کيس اجان به جيئڻ جون دعائون ٿو ڪري.

درد جيئندو رهين سدائين تون
ڏسِ ڪٿان تو چمار آندي هئي؟

سائر جتي هڪ سٺو شاعر آهي اتي سندس اندر ۾ هڪ شديد ڪمزور پهلو به آهي، جيڪو مٿس فاتح آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي جو سندس ڪنڊ مصريءَجهڙا دوست به ڪائنس نفرت ڪرڻ شروع ڪندا آهن، جڏهن اهڙي ڪيفيت جي چار ۾ ڦاسندو آهي ته ڪيس پنهنجي انا جو ڪوريئڙو ٽڪڻ شروع ڪندو آهي، ۽ هو انهيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي به نڪري نه سگهندو آهي.

**ميجر امداد سهتو ـــ ٺارو شاهه**

# شاعري منهنجو وجود

تمام ڏکين حالاتن، مشڪلاتن ۽ محتاج گهڙين ۾ به شاعريءَ کي پنهنجو مسيح سمجهندو اچان ٿو، ساڙس پرپور نيايو اچان جيئڻ ڪو پنهنجي ڌرتي ۽ سرتيءَ سان نيايو اچي . پلُ پلُ موت جهڙو تڏهن به پنهنجو قلم مرڪندو رهي ۽ شاعري سرجڻ لاءِ بيتاب ٿي تڙپندو رهي . شديد تڪليف ۽ بيماريءَ ۾ تڙپي تڙپي جڏهن معمولي به فرحت اچيو وڃي ته قلم کڻي لکڻ ۾ شروع ۽ پڻ سرخرو ٿيو وڃان، مطلب ته شاعريءَ سان مونکي ابتدا کان وٺي ايترو لڳاءُ ۽ ايترو پيار رهيو آهي جنهنجو جواب هن شعر ۾ سمايل آهي.

شاعري مون کي ماءُ جيئن پياري
شعر مون کي مٺا ٻچن جهڙا

اتفاق سان ڪڏهن ڪڏهن آئون خيالن ۾ گم ٿي ويندو آهيان ۽ خيالن جي پاتال ۾ ٻڏندو ۽ ترندو آهيان ته اُمالڪ منهنجي مٿان منهنجي گهر جا ياتي آواز ڏيندا آهن ته توکي پڪاري رهيا آهيون. ڇا ايترو موڳو آهين؟ يا پڻ ايتري مڳي مستي اٿئي؟ يا پڻ صفا ٻوڙو آهين؟ ۽ ته کين وراڻيندو آهيان ۽ مون ته اوهان جا سڏ ٻڌا ئي ڪونهن . ته مون مون تي کلڻ ۽ ٽوڪڻ لڳندا آهن ته اجان چريا ڪي ٻيا ٿيندا آهن ! پنهنجي ملڪ مان چريا به ويا آهن ! خيرن سان تون به ته گهٽ ناهين سائر حسين ، ڇا چوان ٻاروتڻ کان وٺي موسيقيءَ سان اپار پيار ڪندڙ مٽيءَ ۽ ڪانن جا يڪتارا ۽ ڪاٺيءَ جون ڇپڙيون جوڙي ڳوٺن ۾ ڪلام جهونگاريندو رهندو هئس . نهايت ئي معزز ۽ زميندار گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ انگل ۽ آرن ۾ پلجندو ، نپجندو رهيس ۽ شڪ و شبهه سبب پنهنجي شاعريءَ کي پنهنجي خاندان ۽ پڻ مٽن مائٽن کان مخفي رکندو رهيس نيٺ 2005ع ۾ اباڻي ڳوٺ مان زمينون وڪڻي وارهه شهر ۾ اچي رهياسون . پهريون ڪيسٽي ڪلام ڊائريءَ تان کڻي ڪنهن محفل ۾ آخري جلال کان، طرز، ”دلين جا مالڪ منهنجي يار جي پارت ٿي“ ڳارايم . ان بعد ڇڻ ته دلين جا شڪ شبها پيد ختم ٿيڻ لڳا ۽ مختلف فنڪارن سان گڏ رهڻ لڳس، ڪانئن پنهنجا ڪافي ڪلام، پيرن جي درگاهن، محفلن استوڊيو ۾ ڳارائيندو رهيس. نيٺ ڪافي دوستن مشورو ڏنو ته ڪيسٽي ماحول کي الوداع ڪري هاڻي ادبي ماحول سان جڙجي وڃ، دوستن جي صلاحن کي مان ڏيندي 2017ع ۾ ڪيسٽي ڪلچر کي الوداع چئي ڪري ادبي ماحول ادبي شاعريءَ سان جڙجي ويس. علم عروض جو پهريون سبق پنهنجي شهر وارهه جي هڪ مسڪين مزدور محنت ڪش فرد محترم اياز علي لوهر کان ورتم، ائين ئي ڪانئس

سبق وٺندي وٺندي ڪيس پنهنجو ادبي استاد تسليم ڪري ورتو. محترم اياز علي لوهر صاحب ايترو ڪجهه مون کي سيکاريو جنهنجو نتيجو اوهان دوستن جي اڳيان آهي ۽ ان کان علاوه سيد محمد رفيق شاهه امروٽي سائينءَ کان به فون ڪال تي الاهي سارو علم عروض سکڻ جو موقعو مليو ۽ پڻ شرف حاصل ٿيو جيڪو منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي ۽ منهنجي لاءِ ٻئي استاد منهنجي اکين جو نور ۽ پڻ قابل فخر آهن. پر رڳو منهنجي شاگرديءَ جو اتي اچي سلسلو برخاست به ڪو نه ٿئي ٿو، بلڪه مون کي جن دوستن فيس بوڪ ماحول ۾ ٿورو يا گهڻو سيکاريو آهي، پيو ته ٿهيو پر جنهن دوست مون کي ڪنهن متبادل لفظ جي سرت /چاڻ ڏني ته هن لفظ بجاءِ هي سندس متبادل لفظ وڌيڪ ٺيڪ رهندو ۽ آئون انهن محترم دوستن جو به احسانمند آهيان ۽ پڻ سندن شاگرد تسليم ڪريان تڏهن به وڏائُ نه ٿيندو، مطلب ته مون کي جنهن دوست ٿوري يا گهڻي سرت چاڻ ڏني آ، آئون سندن ٿورائتو آهيان، پر مون سان فيس بوڪ جي دنيا ماحول ۾ منهنجن استادن کان علاوه جنهن گهڻي کان گهڻو ساٿ ڏنو هئو سو دوست مورو شهر سان تعلق رکندڙ نهايت سلڇڻي طبيعت جو مالڪ بهترين شاعر ۽ نقاد محترم احمد گل صاحب ئي آهي جنهنجو مون سان وڏو ساٿ رهيو حقيقت ۾ ته مون کي منهنجيءَ چيچ کان پڪڙي ڪري مون کي فيس بوڪ ۽ شاعريءَ جي متل ميدان کي ملهائڻ جي مون ۾ ياري صلاحيت رکي، آئون پياري ۽ جنهنکي پنهنجو فڪري استاد چوان ته بلڪل وڏائُ ڪو نه ٿيندو ان مانائتي ۽ محسن دوست احمد گل صاحب جو بيحد ممنون آهيان. ۽ ان کان علاوه منهنجا بهترين استاد منهنجا ڪتاب ئي رهيا آهن جيڪي پليرن دوستن وانگر مون سان همسفر ۽ ڪٺي رهيا آهن. جن ڪتاب تان علم عروض جو وسيع کان وسيع مطالعي ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو، علم عروض کي مڪمل سمجهڻ جي جتان مون کي صلاحيت ملي، ڇڻ ته علم عروض منهنجي شاخ هجي، جنهن مان رستا جڙندا هجن، پر افسوس ۽ بد قسمتيءَ سان 2020 ع ۾ خطرناڪ بيماري منهنجي مٿان حاوي ٿي وئي ۽ منهنجي بيماريءَ جي پوري حقيقت ۽ منهنجي بيوسي ڇٽيل، اوهان کي منهنجي هنن شعرن مان ملندي ۽ پڻ معلوم ٿي ويندي.

جوين جي وت جا عضوا هنڌ هنڌ کان پيا اکلي
ٽيٽيهه سال ۾ لٽ چاتڻ بڻيو تماشو

يا

جوت تي چوي اُت اُت، پر
چنگهه  نڙ لڳي پئي آهي

اندر مان تہ هزارين جولان اٿي پڙڪو کائڻ لڳندا آهن تہ پنهنجي گذريل شاندار وقت سان اٿي گڏ هلان هڪ سيلاني فرد بنجي سفر ڪريان مگر جيڪا هاڻي منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي رهي، تمام مفلسيءَ سبب پنهنجو ڪتاب تہ ڪو نہ ڇپرائي سگهيو آهيان توڙي جو ڪافي ڪتابن جيترو مون وٽ پڻ مواد بہ موجود آهي پنهنجي طويل قصي کي اتي ئي برخاست ڪندي پنهنجي دوستن جا ڳڻ ڳائڻ چاهيندس . آئون نهايت ئي شڪرگزار آهيان پنهنجي محسن محترم دوست صاحب خان ”سورهہ“ ميراڻي جو جنهن پنهنجو الاهي سارو قيمتي وقت سيڙائي ڪري منهنجي PDF ڪتاب لکڻ تي ڏينهن رات محنت لڳائي ڪري مون سان محبتون ارپيون ۽ مون کي وڏن ئي نہ صحيح پر ننڍن صاحبِ ڪتاب وارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ۽ پڻ منهنجو تن سان گڏ نانءُ لکرايو ۽ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، محترم پير بها سرهندي صاحب جو جنهن شديد تڪليف هوندي بہ منهنجي ڪتاب کي پنهنجي خوبصورت لفظن جملن سان معطر بڻايو. ۽ گهڻي کان گهڻو پنهنجي پڳ مٽ يار پنهنجي من پسنديده شاعر جنهنجي شاعريءَ مان مون کي استاد بخاريءَ جي سادگي ۽ لفظن واري خوشبو ايندي آهي ۽ اهڙو خوبصورت ۽ سگهارو ڪوي پيو نہ پر محترم سجاد مهر صاحب آهي ۽ سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجا خوبصورت ويچار منهنجي ڪتاب ”بهارن ۾ ڳولي وٺو“ ۾ ونديا، ۽ پياري محترم حبيب متو صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن سان منهنجي روح جا رشتا ازل کان ئي جڙيل آهن جيڪو منهنجو تمام گهڻو حجائتو ۽ پڻ يائرن جهڙو دوست آهي. ان يار جي خوبصورت لفظن بہ منهنجي ڪتاب کي واديءِ مهراڻ جي چوليءَ جهڙو بڻائي ڇڏيو آهي. محترم ميجر امداد سهتو صاحب جن جو بہ تمام گهڻو ممنون و مشڪور آهيان جنهن سخت سرڪاري ڊيوٽيءَ تان بہ منهنجي لاءِ وقت سيڙائي ڪري مون سان خوبصورت محبتون ونڊيون ۽ جن جا مخصوص لفظ منهنجي ڪتاب لاءِ خاص سجاڳپ ۽ پڻ اعزاز آهن. ۽ آءُ شڪر گذار آهيان پنهنجي ئي وارهہ شهر جي هم عمر ۽ همعصر شاعر اعجاز خليلوي جو، جيڪو مون وانگر مذهبي منش بہ آهي ۽ ڪيس تمام سٺي گهڻي ديني ڄاڻ بہ آهي ۽ مون وانگر علم عروض کي آڱرين تي نچائڻ وارو شخص جيڪو هڪ سگهارو ڪوي بہ آهي ۽ اتفاق سان مون وانگر تيز طبيعت ۽ پنهنجي اصول تي اٽل بيهي رهڻ وارو شخص آهي.

اميد ڪريان ٿو ته مختلف وزن ۽ بحر تي مشتمل، مڪمل غزلن جو، منهنجو هي پهريون شاعريءَ جو ڪتاب " بهارن ۾ ڳولي وٺو" پڙهندڙ دوستن کي بيحد پسند ايندو ، تمام گهڻي ڪوشش باوجود ڪتي ڪي اوڻايون رهجي ويون هجن ته دوست اسان کي ضرور آگاهه ڪن ۽ پنهنجا خوبصورت رايا عنايت ڪن . وڌي اميد سان چوان ٿو ته پڙهندڙ هي ڪتاب پڙهي بي حد لطف اندوز ٿيندا.

سنڌي ادب جو ادنيٰ خادم

**سائر حسين چانڊيو**

وارهه شهر، ضلعو قمبر، شهدادڪوٽ

موبائل نمبر : 0300 - 0598792

تاريخ 30 جون 2021ع

# غزل

اسان کي بھارن ۾ ڳولي وٺو
ھوا جي اشارن ۾ ڳولي وٺو

وري واءُ وريو وڇوڙي سندو
سندم روح پيارن ۾ ڳولي وٺو

قلم سچ خاطر تہ وڙھندو رھي
سچن قلمڪارن ۾ ڳولي وٺو

اسين سانجھ جا ھون ستارا پرين
نشيلن نظارن ۾ ڳولي وٺو

اسان سي پراڻا نڪاڻا ڇڏيا
اسان کي مزارن ۾ ڳولي وٺو

لھر تيز سائر جي پيئي اٿي
ڏکي تن ڪنارن ۾ ڳولي وٺو

هوا جي پرن تي چڙهيو ٿو اچان
اجهو دوست توڏي وريو ٿو اچان

سندس گهر انڌيرو وڏي هو ويو
ڏيون ڪيس روشن ڏيو ٿو اچان

ملي تون جو آهين ائين ٿو لڳي
سچو آنءُ جڳ پڻ ڪٽيو ٿو اچان

اوهان جي اکين ۾ ڪجل جيئن هان
اوهان جي ڳلن تي ڳڙيو ٿو اچان

خيالن سان اڏري ويو روح هو
ستارن سان مليو رليو ٿو اچان

پڇي هٿَ جدائيءَ جا سائر سيئي
وصل جو وظيفو پڙهيو ٿو اچان

گونگن وانگر رهبر پنهنجا

هاءِ ڪراچي مقدر پنهنجا

واڳون جيڏو هي وات پٽي
بحريا* ڪائي ٿو گهر پنهنجا

خنجر خنجر ماڻهو سارا
جهنڊا آڏيو پائر پنهنجا

وڙهندا رهندا ۽ وڌندا رهندا
ويڙهاڪ اسان جا نر پنهنجا

سنڌ سنڌين جي جاگير اٿئي
ملڪ* ڏڪي ڪڍ سي خر* پنهنجا

آزاديءَ جي گونجار ٻڌي
پهتا لشڪر سائر پنهنجا

- بحريا ٽائون
- ملڪ رياض
- گڏهه

چنڊ جي روشني هئي يا ڏس تون هئينءَ
ايتري مئڪشي هئي يا ڏس تون هئينءَ

هن گلن جي مٿان ماڪ هاريل هئي
صبح جي تازگي هئي يا ڏس تون هئينءَ

زندگيءَ جو سفر رڄ لڳو ، اُڃ لڳو
ايتري تشنگي هئي يا ڏس تون هئينءَ

خواب منهنجا ٽنگيل ها صليبن مٿان
آس ڪا سرمدي هئي يا ڏس تون هئينءَ

تانگهه ۾ منهنجون اکڙيون پڇي لال ٿيون
عشق جي هي بٺي هئي يا ڏس تون هئينءَ

اس نٽهڻ ۾ سائر ڏي جيڪا وري
اوچتو چانءَ ٿڌي هئي يا ڏس تون هئينءَ

اکڙين جي جاڳ ٿيندي رمتا هي خواب ٿيندا
خوشبوءِ پيار ٿيندو گفتا گلاب ٿيندا

منهنجون اکيون جو کلنديون سڀُو انقلاب ايندا
منهنجا شعور سارا تنهنجا خطاب ٿيندا

پيري جواڻ ٿيندي جوين ٻہ پوندو مرڪي
منهنجي اکين جي آڏو جيئن ئي جناب ٿيندا

منهنجو مطالعو پيو ٿيندو اکين مان تنهنجي
منهنجا ذهن کلي پوءِ سارا ڪتاب ٿيندا

ناول ڏکو وچوڙو ۽ ڪمرو انيڪ يادون
منهنجي عمر جا آخر پورا تہ باب ٿيندا

منهنجو وجود آهين منهنجو ضمير سائر
منهنجا هي خُلق سارا تنهنجا نصاب ٿيندا

هن ڪھاڙيءَ کان ڊڄي ٽڙڪڻ لڳو
هي وڻن جو روح آ ترڙپڻ لڳو

وقت کان اڳتي ويس نڪري صفا
وقت بيھي پوئتي سھڪڻ لڳو

هڪ چميءَ جي ڳالھ مون آھي ڪئي
مک پرينءَ جو هي صفا ڀھڪڻ لڳو

ننڊ ۾ تو مسڪرايو هو جڏھن
هر ستارو عرش تي مرڪڻ لڳو

پيار تنھنجو ئي زليخان هو سڏيو
عشق يوسف منھنجو تي پرچڻ لڳو

اڄ ملڻ جي موڙ تي چا لِئِ يلا
لڙڪ اکڙين ۾ هيو جرڪڻ لڳو

موت منھنجو مامرو بنجي ويو
موت منھنجو همسفر بڻجڻ لڳو

ياڪرن جو بسترو خالي ڏسي
سار جو ساگر وري اٿلڻ لڳو

قلم تنھنجي سونھن مان ڀوڙي پرين
شعر سائر توتي آ سرجڻ لڳو

دورن ۾ ديجي ويندا سين

رسمن ۾ لٽجي ويندا سين

ٿي زبانون حق جون ڳالهايون
ٽوڙي جو ڪٽجي ويندا سين

تنهنجي وڇوڙي وَٽجي ڪاڏا
واٽن جيئن وٽجي ويندا سين

تنهنجو لهجو هيٺ جهڪيو جي
مصلي جيئن رکجي ويندا سين

تو جيڪر هڪڙو ٽهڪ ڏنو
خوشبو ۾ رچجي ويندا سين

تنهائي ۾ پالَ ٿيون پيا
ڳاڙها ٿي رسجي ويندا سين

چورا ٿيندا سين او سائر!
توکان جي کسجي ويندا سين

ورد ميهار جو مان ڪندي ٿي وتان
پير چوليون ڪري سير ترندي وتان

ائين تاڙي نہ هل پنهنجي ڇاتي مٿي
مان ٻڌي شرڪ ۾ هاءِ مشرڪ نہ ٿيان

ڪول سر سوز جا گيت جهونگار ڪي
تون لتا جيئن ڳاءِ شاعري مان لڪان

منهنجو ايمان پڪو زور ڪيڏا لڳاءِ
باھ پڙڪا ڏئي پل اجان مان پچان

ڏور آهي سفر ڏيل منهنجو ڏڪي
بند پيا نيڻ ٿين ڪيئن تو وٽ پڄان

تيز طوفان ڪٽي عشق مون مان اٿيو
آهِ لوري لڳل ماڳ شل مان رسان

اجنبي اجنبي تنهنجون سائر اکيون
دوستي دلبري تو منجهان مان سکان

اک منهنجي گناھ تي پوکين؟
چو نہ وک وک تي شاھ تي پوکين؟

مان تہ ڳوڙھن جو آھيان نوحو
مون ۾ محرم جو ماھ تي پوکين

مال توکان کسي وڏيرو ويو
هارياڻي! چو گاھ تي پوکين؟

رنجشن جو ڇٽيو چو سانوڻ تي
چاهتن جي نہ راھ تي پوکين

ذات مون تي نزول تي آھي
کيئن سائر ۾ ساھ تي پوکين

تنهنجي اچي وڃڻ جو ويلو اچي ويو
منهنجي خوشي ڪرڻ جو ويلو اچي ويو

هن امن جي نگر ۾ چو آ اجان انڌيرو
اچ ديپ ٽي ٻرڻ جو ويلو اچي ويو

ڪيسين رهان پراهون مان پيار جي نديءَ ڪان
هڪ هڪ لهر ترڻ جو ويلو اچي ويو

هو چنڊ ۽ ستارا سڀ جهول ۾ ڪٿان مان
ڪنهن گهاءَ جي ڀرڻ جو ويلو اچي ويو

هي راڳ رقص ۾ آ هي بزم رقص ۾ آ
نچ ناچڻي نچڻ جو ويلو اچي ويو

ڪيسين رهون هتي سائر ماڳ پنهنجو ٻيو ڪو
هل هاڻ هل ۽ هلڻ جو ويلو اچي ويو

هلي اچ هوا ساڻ گڏجي گهمون
انهيءَ همنوا ساڻ گڏجي گهمون

چٽي چڙهه اکين سان اسانجو بدن
اوهان جي ڪلا ساڻ گڏجي گهمون

ڪيون پٻ هيٺان وري اچ سسئي
پنهونءَ جي ڏسا ساڻ گڏجي گهمون

ملي ڪو نہ سگهندا زمين آسمان
وگرنا قضا ساڻ گڏجي گهمون

عنادل گلستان ۾ ٻولي پئي
انهيءَ جي صدا ساڻ گڏجي گهمون

وڇوڙي جو امڪان نہ جنهن سان رهي
انهيءَ دلربا ساڻ گڏجي گهمون

وسن رب جون سائر سدا رحمتون
امڙ جي دعا ساڻ گڏجي رهون

واءُ ويڙهي وڃاڻو تي اچين ها
ڪو اڪين جو تڪاڻو تي اچين ها

انگ منهنجا اگھاڙا هو تڪين پيا
تون وڳو ڪو پراڻو تي اچين ها

موت پرديس ٻڌجي چو پڳو آن
ڏيھ مون لئِ اباڻو تي اچين ها

هانءُ گلشن جو روڙي ويو خزان آ
شل ڦڳڻ جو اڏاڻو تي اچين ها

ڪو ڳيو پور ٻارن لاءِ نہ هيڙو
چنڊ تون ئي هنداڻو تي اچين ها

سڪ جي ديوار تان سائر ڪريو هو
همسفر ۽ وراڻو تي اچين ها

چنڊ منهنجو وڏو آهي
فلڪ تي هو اڇو آهي

ماڻ اڳهاڙو وڻ وانگر
واءُ ٽوڙيو وڏو آهي

پاپ پوڙها تي پيا آخر
ٽيو قدم پڻ جهڪو آهي

آڱريون ڪيئن نہ هي مرڪن
تو ڏنو جو چلو آهي

پيٽ منهنجو بکارو هي
بک سهي ٽيو پڪو آهي

مهڪ تي باغ جي سائر
ڪو ڦٽي پيو سلو آهي

زلف پنهنجا تون چار تي سمجهين
جڳ سڄو گرفتار تي سمجهين

تون اسان کي ائين پئي ٽوڙين
چڻ پتو ڪوئي هار تي سمجهين

ڪيئن خزان باغ سان نهين آخر
تون گلن کي جو خار تي سمجهين

هيڪلائي چڙهي ڪلهن تي وئينءَ
مون کي شايد ڪو ڏار تي سمجهين

زندگي ائين وچي رهين آهين
ڏور پنهنجو ڪو پار تي سمجهين

تون آن آڪاس مان زمين سائر
پاڻ سان چو شمار تي سمجهين

آسمان جي بزار ڪا ڏسجي
ڪهڪشان جي قطار ڪا ڏسجي

چوڏسا گل ٽڙي پون جيڪر
چو نہ موسم بهار ڪا ڏسجي

لڙڪ پنهنجي سنيال ۾ رکجن
ڪين ڪنهنجي ميار ڪا ڏسجي

بي نظيرن جا سر پيا وڍجن
حوصلن جي ترار ڪا ڏسجي

تيز طوفان چو لٿي لهرون
تنهنجي سائر سنيار ڪا ڏسجي

روح جي تار تائين بہ پهچي وڃو
رب جي ديدار تائين بہ پهچي وڃو

گهگهه انڌيرو ويو ٿي ته ڇا ٿي پيو؟
اي پکيو! پار تائين ٻه پهچي وڃو

زندگيءَ کي ڇڪائي حقي ذائقو
موت ميهار تائين ٻه پهچي وڃو

آمريڪا، لنڊن، چين پيي ٿيڪ ، پر
سنڌ جي پيار تائين ٻه پهچي وڃو

"ڪن" سان سائر ٿيل واعدو پيي اٿو
ان ئي اقرار تائين ٻه پهچي وڃو

حسن جو جهان آهين
منهنجو امتحان آهين

رات ياڪرن ۾ هئين
ڏينهن جو گمان آهين

زندگي ڪٿان آئينءَ؟
ڪنهنجو آستان آهين

منهنجي پروسي جو تون
دوست آسمان آهين

تنهنجي مان ڪهاڻي ۽
منهنجو داستان آهين

گهم ڪٿي تون سائر سان
منهنجو ڪاروان آهين

تنهنجو دل تان ويو جمال نہ آ
هوش پنهنجو اجان بحال نہ آ

وقت مونکي وجي پيو ويڙهيون
جيئري هي اجان زوال نہ آ

مند هوندي وَسي تون ويندو آن
رُتِ بنا جي وسين ڪمال نہ آ

جنهن سڄي رات مڌ پياريو آ
ڇا رِندو هي اڳيون ڪلال نہ آ

سنڌ کي ڏي وري پٽائي تون
اي خدا هي وڏو سوال نہ آ

منزلون هي ڏکيون لڳن ٽيون پر
پو بہ سائر پڄڻ محال نہ آ

سور کي سرمو ڪري پيو پائجي
هن اکين جو درد تنهن سان ڳائجي

حسن ربُ ۽ حسنِ محمدؐ ۽ حسن ڇا؟
حسن جي آڏو اُڪو هارائجي

هي متاثر ٻوڏ جا ڀتجن پيا
تن کي ٻچڙن سان سڏي ڪارائجي

اک روئي ٿي ڪراڙي جهور وئي
پيار جوين ان طرف موٽائجي

چنڊ تنهنجو ويو بدن بڻجي پرين
ڪيس تنهنجو حسن پيو پارائجي

سنڌ جو سائر سچو آهي سپوت
غير کي سائر هتان مارائجي

ديد جو نشان ٿي ويس
لا پتا مڪان ٿي ويس

تنهنجي جيئن ثنا ڪندو ويس
مان وڏو بيان تي ويس

تياڳ تنهنجي يرغمال ڪيو
درد جو جهان تي ويس

جيئن هوا بدن ڇهي پئي
مان سچو گمان تي ويس

تون گلن جيان ڦٽي پئينءَ
مان بہ باغبان تي ويس

چنڊ جي ٽي ويجهڙو تہ مان
چانڊنيءَ جو شان تي ويس

ڪربلا ۾ سوڀ ڪنهنجي ٿي
مان "حسين" ڪامران تي ويس

زندگيءَ ۾ انجامي تہ ٿيءُ
يا لحد ۾ سلامي تہ ٿيءُ

زندگي پارسائي جو قُل
تون ڳهيلا سوامي تہ ٿيءُ

راھ هيڪل آ ماڻهو نہ ڪو؟
درد ۾ هم ڪلامي تہ ٿيءُ

عارضي چاھ کي ڇا ڪندس
تون محبت دوامي تہ ٿيءُ

اي پرھ ٿيءِ ڪبوتر اڏام
يار جي در پيامي تہ ٿيءُ

لوڪُ سائر مداحي ٿئي
پر تون شاعر عوامي تہ ٿيءُ

اگهاڙپ بک ڪڏهن آخر ڏيکيندي
ننگو دنيا ڪري مون کي ڇڏيندي

مان جهرڪين جيئن لڪي ويهان وڻن تي
اچي هو باز وانگر نہ تہ جهٽيندي

اجايو ٿو جلين تون جاڳ ۾ پيو
سمهي پئُہ سانوري توڏي نہ ايندي

اوهان جي بي رخيءَ جا ڏنگ سهندي
حياتي زهر پئي آهي ڦڪيندي

اڏي مان پوپٽن وانگر جو ايندس
دري کولي هو مون ڏي پئي تڪيندي

رنگن ۾ روح پئجي چو نہ ويندو
پسائي هوءَ جو پوتي چنديندي

ڳنڍڻ سائر جا لڳ گهرندي نہ آ چا
وڇوڙي جا جو پرزا آ مٽيندي

ٿر اجارو اجارو پسان
تنهن تي مان بادلن جيئن وسان

منهنجو نالو ئي سهٽي رکو
آنءُ سنڌو نديءَ سان ٿهان

مون کي محبوب جو ڏس ڏيو
مان تہ هر هر ڊهي ٿو ڊهان

سج اجاري نديءَ تي لهي
مان اجارين اکين ۾ لهان

تون پنهونءَ جيئن هتان وڃ ڪِڇي
مان بہ سسئي ٿي توکي لهان

منهنجون ارڏايون ٿيون چون
ڪاش ڪنهنجو سهي ڪکُ سگهان

مون کي ميهار جيئن تون پڪار
ڏس تہ سائر تري ٿو اچان

عشق آهي بلا پاڻ جانچي وٺون
ڏنگ ان جو يلا پاڻ جانچي وٺون

هل هلون چنڊ تي چار پل ڪي ٽڪون
هو خلا ۽ خدا پاڻ جانچي وٺون

نانگ حُب جو ٿيون محب ويٺا ڏسون
هوءَ غارِ حرا پاڻ جانچي وٺون

رمز تبريز سان محُو رومي ٿيو
خوب اهڙي ادا پاڻ جانچي وٺون

عشق صوفي هجي رقص صوفي هجي
عشق جي سا بقا پاڻ جانچي وٺون

نانگ ماري وڏو ڏنگ انسان جي
هيءُ سائر لقا پاڻ جانچي وٺون

سال ليکي پراڻا ڏئي ويو
موت جهڙا وراڻا ڏئي ويو

بند ڪوٺن مان آڻي اڄ هو
مون کي مارو اباڻا ڏئي ويو

ننڊ ساپيان اکين جي چورائي
خواب خالي اياڻا ڏئي ويو

ڏنڊ اونهي ۾ آٽي مون کي
کي انوکا مهاڻا ڏئي ويو

بي سڪوني جي پڇائي ماڳ
دل کي زخمي تڪاڻا ڏئي ويو

نانَ عيوض هي جڳ سائر کي
چنڊ جيڏا هنداڻا ڏئي ويو

تسڪين وجائي تي انڌوڪار پيڳي آ
يادن جي تکي تيز ڪا تلوار پيڳي آ

موسيٰ بہ مان ناهيان نہ هتي طور ڪو آهي
جلون جي هتي پوءِ چو چمڪار پيڳي آ؟

يوسف بہ پڪو آھ ، زليخا بہ پڪي آ
هر مصر جي بازار خريدار پڪي آ

گلڙن جي مٿان ماڪ جا قطرا ٿي وسائي
هوءَ صبح جي هِيرُنِ جيان ، ٿي وسڪار پڪي آ

ڪو پيٽ نہ پالي ٿو سگهي پنهنجو هٿي ڪو
عمران جو دجّال جي سرڪار پڪي آ

ستَ پرم ڪٽي هنج ۾ وڏيري جي محل ۾
هڪ گرھ جي لئِہ ماءُ ڪا بيمار پڪي آ

هر ظلم پڪو اوج تي سائر آ وجي هٿ!
هن قوم ۾ ڄاڻان نہ ڇو ماٺار پڪي آ!!

اڄ وندي ڪي پيار پل ويهي رهون
اڪ وڃائي يار پل ويهي رهون

گل گلابي ماڪَ ۾ آلا ٿيا
پاڻ ميڙي خارَ پل ويهي رهون

چو ڏسون ڪڪرن لئي آڪاش ڏي؟
پنهنجا ڪولي وار پل ويهي رهون

گفتگو تنهنجي مٺي آهي مٺا!
مرڪَ ماڪي لار پل ويهي رهون

شهر تنهنجو گهٽ نہ جنت کان ٿيو
نعمتن جا پار پل ويهي رهون

هي نِمُون ڪيڏيون ٽڏيريون ٿيون لڳن
گهاٽا ٻولي ڏار پل ويهي رهون

صبح ساجهر موڪلي سائر چئي
ساري تنهنجي سار پل ويهي رهون

خيال پنڇي اڏار ۾ آهي
درد برسيو بهار ۾ آهي

قيد منظر ڪري ڇڏين ٿي تون
تنهنجي طلسم نهار ۾ آهي

امن جو تو اجھو ڪپيو ڳاٽو
هٿ تنھنجو ترار ۾ آھي

ڪا تہ مڪڙي نئين ٽڙي آھي
پونئر هر هڪ خمار ۾ آھي

پيار جي ڳالھ منفرد آھي
جيت هوندي ئي هار ۾ آھي

ڪا جواني وسڻ پڳي آھي
موج سائر ملھار ۾ آھي

آئون پنڪيل مڪان ۾ ڇايس
بي بقا هن جهان ۾ ڇايس

منهنجو سينو پروڻ آهي ٽيل
آئون تير و ڪمان ۾ ڇايس

سڪ نہ مون ساڻ مُور ٿهندا هن
غم هجر داستان ۾ ڇايس

شڪر رب جو مڃان ٿو جو آئون
ڪنهن سٺي خاندان ۾ ڇايس

مان وڏو واقعو پيو سڏجان
آئون سرخين بيان ۾ ڇايس

ڪير هن جڳ ڪي هلائي ٿو؟
مان بہ ڪهڙي گمان ۾ ڇايس

مون ڏي سائر نہ ڪنهنجو آ توجهه
لوڪ هن بي ڏيان ۾ ڇايس !!

سوچي چو سوڙهو ڪيون
ذهن هي ۽ پوڙهو ڪيون

چپ چپن تي ٻئين رکي
لڙ لنبي لوڙهو ڪيون

نهَن نڙيءَ ۾ وچڙندي
ٿوڙي تا ٿوڙهو ڪيون

ونجھ جوڙي وصل مان
هجر کي هوڙهو ڪيون

ڪو نه وڃارو پڳو
ديد هر ڳوڙهو ڪيون

پل پکي بي گھر ڪجي
وڻ وڏي ٿوڙهو ڪيون

خيال جوڙي کي عميق
ڏات کي ڏوڙهو ڪيون

سُکَ چڏي سائر رسيو
ڪاند چو ڪوڙهو ڪيون

چڻ تنهنجو احوال پڇي ٿو
ڳوڙهو ڳل کي روز چمي ٿو

آڌي رات اٿي تو وانگر
تنهنجو مون سان درد سمهي ٿو

منهنجي جوڀن جو وِٽُ سارو
پيري جي ٿانءَ منجهه پُڄي ٿو

منهنجي دل هيسيل جهرڪيءَ جيان
روڪ اکين جو باز ۾ اڏي ٿو

منهنجي ماضيءَ جو هندورو
ياڪر تنهنجي منجهه لڏي ٿو

وقت وڏيرن وانگر سائر
وک وک تي هر روز ٿڏي ٿو

ريءَ چمين جي چپن جو ڇا ٿيندو؟
منهنجي گورن ڳلن جو ڇا ٿيندو؟

روز اغوا وڃن پکي ٿيندا
پوءِ ويچارن وڻن جو ڇا ٿيندو؟

روز عالم ٿيا وڃن آباد
سنڌ منهنجي وطن جو ڇا ٿيندو؟

شاعري تو لکڻ ڇڏي آهي
ڏس پو ڪورن پنن جو ڇا ٿيندو؟

جي اچان پي گذر نہ ٿيو تنهنجو
ڳوٺ جي هن دڳن جو ڇا ٿيندو؟

پياڪ سارا پيئڻ ويا جي ڇڏي
پوءِ موکِي مَٽن جو ڇا ٿيندو؟

منهنجي سائر جي ياڪرن مان وئين
منهنجي ٻانهن ٻکن جو ڇا ٿيندو؟

اٿاريون وطن لاءِ آواز گڏجي
وڄايون نغارو هي سر ساز گڏجي

اسان ماٺ جي ڪو نہ ٻولي سکي آ
ڪيون دوستو حق لئہ پرواز گڏجي

گهرن مان ڪنيپا روز ڇا لئہ وڃون ٿا
ٿي نڪرو قلندر ۽ شهباز گڏجي

اسان سنڌ ڇاپا ننڌڻڪا تہ ناهيون
ڏيو ساٿ هڪٻئي جو همراز گڏجي

ڏني سنڌ غيرت جي لولي اسان کي
ڌڪاريون هي ڪائر دغا باز گڏجي

هي سارنگ ۽ عنايت چڙيا سنڌ آهن
پيا سائر ڪندا سنڌ ۾ ناز گڏجي

وقت انهيءَ ويري تي پهتا آهيون
پاڻ اڇي پيريءَ تي پهتا آهيون

هت نہ سڪندر نہ قلندر ئي رهيا
چو تيري ميري تي پهتا آهيون

ڳڊ هرڻن جا تہ شڪار اسان ڪان ويا
**هڻ*** ڳيري ڳيري تي پهتا آهيون

ترڪ ڪري نيڪ نيتن وارا ڪم
هن سود و خوري تي پهتا آهيون

وقت اسان ڪان شهر ڇڏايا سائر
هاڻي اڇي **ميري*** تي پهتا آهيون

- هڻ ۔ سرائيڪي لفظ ۔ هاڻي
- ميري ۔ ڳوٺ جو نالو

روپ ڪينجهر جو ، ڪا راڻي مون ڏٺي

رڃَ ڪلهن تي ۽ مهاڙي مون ڏٺي

ٿي اياڻي هُن پٺيان ڊُڪندي رهِي
ڪو نہ پنهنجي دل سياڻي مون ڏٺي

رات تنهنجو بدن چمّي چنڊ وِيو
سا سندس عادت پراڻي مون ڏٺي

رنج ٿيندا ٿي ويا رنجن پٺيان
ڪو نہ رنجن جي پڇاڻي مون ڏٺي

مان تہ سائر ٿي رڻن ۾ ئي رُليس
ڪو نہ پنهنجي اُڄ اجهاڻي ۽ مون ڏٺي

درد سرمو ڪيو آئون پايو وتان

زندگي پنهنجي نابين بڻايو وتان

هجر جي شام تي روز مون ۾ لهي
درد سان محفلون مان مچايو وتان

منهنجي دولت سڄي نانءِ تنهنجي پرين
مان تہ خود کي اوهان جو سڏايو وتان

وجد ۾ مان اچي هن ڳلين ڳوٺ ۾
نينهن پنهنجو هي نانگو نچايو وتان

توٽي جو آهيان مان زنده پو بہ چو
پاڻ مئلن جيان تو ڪٽايو وتان

موت منهنجي مٿان چڻ ڪو جاسوس آ
زندگي پنهنجي سائر لڪايو وتان

آ سنڌ مقدس ڪتاب وانگي
چمان تو تنهنڪي ثواب وانگي

ملين تہ مهڪي پوان گلن جان
وچين تہ دنيا عذاب وانگي

اوهان جون اکڙيون مدر جا پيالا
پيئان مان تن کي شراب وانگي

اجان نہ ڪٽندين ۽ اجان نہ ڪٽندين
اهي ڇا اکڙيون حجاب وانگي

سکي پڳي آهي ٿي مٺي کان
اچي ٿي خوشبو گلاب وانگي

وهن ٿا رت جا ڦڙا گلن مان
کهي خزان وين قصاب وانگي

وڃي تو وسندين وساءِ سائر
اسان سهي هون سراب وانگي

توتان نڇاورُ آهيان
عشقِ اڪابرُ آهيان

تنهنجو مداحي آهيان
تنهنجو ثناگر آهيان

مان سنڌ جو رکوالو
دودو دلاور آهيان

مان بي تحاشا آهيان
مرڻو بظاهر آهيان

ڪا اوچ نيچ نہ ڏاريان
مان ڪو نہ ڏاهر آهيان

پنهنجا ٺڪاڻا ڪٿڙا؟
سائر مسافر آهيان

هو شخص ڏاهو ٿي لڳو پُرُ مئڪشي ۾ جو هيو
سچ جي پڇو پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ جو هيو

ٽيا مست تارا چنڊ پڻ منظر ڪشي اهڙي ڏسي
تنهنجو سنهري جسم سهڻي هي نديءَ ۾ جو هيو

تون مسجدن ۾ چو انهيءَ کي ٿو تلاشين پيو ميان؟
ويٺو ابد ۽ پڻ ازل کان آدميءَ ۾ جو هيو

سِرُ هي جهڪيو ٿي ها مگر دل ڪا نہ منهنجي پئي جهڪي
ڪاٿي مزو پهريون رهيو هن بندگيءَ ۾ جو هيو

ٿي خيال سائر ڪڙڪيتن جئن ٻريا هن ابَ تي
۽ ڪٿ ڇڳل ٿي هو ستو پيو جهوپڙيءَ ۾ جو هيو

ايڏا هي گل تنهنجي هٿن تي!
پيار جو تحفو آ، يا پيو ڪجھ؟

تنهنجون هي نظرون، تيز ڇريون
دارَ جو تحفو آ، يا پيو ڪجھ؟

مون ۾ اُڻُ تُڻُ ۽ لڄَ پڄَ ڪيڏي
سارَ جو تحفو آ، يا پيو ڪجھ؟

هيرو تو مان گهلي مون ۾ پون
هارَ جو تحفو آ، يا پيو ڪجھ؟

ڪونجون چوپول ڪنديون ٽيون اچن
پارَ جو تحفو آ، يا پيو ڪجھ؟

مون ۾ سائر، مُرڪون مُرڪن
يار جو تحفو آ، يا پيو ڪجھ؟

دلڙيءَ جون ضرورتون وڃو ٿي
هر درد جون پورتون وڃو ٿي

عملن جو ثمر ڪٿي آ، آقا؟
در ربَ جي پارتون وڃو ٿي

دلدار تڪيان تو واٽ تنهنجي
ايندي ئي مهورتون وڃو ٿي

جنهن ۾ نہ جدت سگهيو ها آڻي
تنهن ڏات جون شهرتون وڃو ٿي

اڄ جام ۽ مئڪشي پئي ڇُلڪي
هن بزم جون دعوتون وڃو ٿي

انصاف جتان ملي ڪو سائر
ان حق جون عدالتون وڃو ٿي

وڻَ سونهن چنڊ تو ۾ لٿو آهه

ستارن جو ان پٽيان ڪو جٽو آهه

خدا جو ميان هي گهر نہ ۽ آ درگاهه
جهڪايو تو ڪوهہ پنهنجو مٿو آهه

جنم نفرتن کي جڳ ۾ ڏئي لوڪَ
رکيو هٿ ۾ ڪلفتن جو هٿو آهه

حياتيءَ کي ائين ويڙهجي ويو آ
اهو موت آهه يا ڪو ڪٿو آهه

غمن جو پهاڙ دوست اماڻيو تو
اوهان جو تڏهن حسينُ ڏٿو آهه

توکي وٺڻ پڳو هان ۽ خالي تہ ڪو نہ ويندس
پنهنجو ڪرڻ پڳو هان ۽ خالي تہ ڪو نہ ويندس

ڏر نپ سان اَنُ جهيڙي ۽ تو لئِہ ڪيم بغاوت
جيئڻ مرڻ پڳو هان ۽ خالي تہ ڪو نہ ويندس

تون جيڪڏهن آن سسئي ۽ مان پيي پنهل ئي آهيان
سِرُ هي ڏرڻ پڳو هان ۽ خالي تہ ڪو نہ ويندس

گجگوڙ تي اکين جي ۽ بادل ويا جن مان پرجي
تي مينهن وسڻ پڳو هان ۽ خالي تہ ڪو نہ ويندس

لهرن ۾ تنهنجا واڪا ۽ لهرون اچن پِيون توڏي
سائرَ ترڻ پڳو هان ۽ خالي تہ ڪو نہ ويندس

مون ۾ تصوف آهه خدائي، ۽ پارسائي
مون مان ٿين وضو نہ اجائي، ۽ پارسائي

مون ٿياس سرمديءَ جو شهيدن جيان ڏٺو آ
رتبو سمجهہ نہ منهنجو هوائي*، ۽ پارسائي

وحدتَ جا پنڌَ مون ۾ وسن ، ۽ وسان مان ان ۾
هي عورتاڻو ڪم نہ ، نرائي ، ۽ پارسائي

رومي چو شاهہ منجهہ ٿا ڳوليو اڙي او صوفيو؟
تبريز جنهن ۾ رمز رچائي ، ۽ پارسائي

مون پيءُ ڪئو ۽ امان بہ ڪئي ، ۽ ڪئو قبيلو
سائر ملي جو ذات هڪائي ، ۽ پارسائي

- هوائي ـ اجايون / فضول خبرون

پکين جو وڻن تان ڏٺو پروسو
وڻن ڏاهڻ جو ڪنهن مکو پروسو

وچي علم جي پوک وڌندي هتي
سجاڳيءَ جي گل جو ڦٽو پروسو

ڇميا جيئن ئي بي وڏا آدمي
هتان تن جي آهي ڪٽو پروسو

بکي ٿي امڙ بک ۾ وڪڻي ٻچا
خدائي ڪان آهي رٺو پروسو

هيو پنهنجو منزل تي پهچڻو ، مگر
وچين چو آ اڌ ۾ ڪٽو پروسو؟

غزل منهنجا سائر رکن ٿا جدت
اتم شاعريءَ تي سٺو پروسو

وسڻو تنهنجي وارن کي آهي
ککرن جهڙن ڪارن کي آهي

ماءُ بکارو جهول ڀري ايندي
الڪو ڏاڍو ٻارن کي آهي

جهول پکين ڪان خالي نہ متان ٿئي
خوف وڻن جي ڏارن کي آهي

تون جو هينئر گذري وئي آهين
ساهہ پيو ڇڻ چارن کي آهي

باغ ڪبا تنهنجا سرها مالهڻ
روڪڻ منهنجو خارن کي آهي

هيل هوا ۾ واري اڏري پئي
ڪيڏي پياس ڪنارن کي آهي

سائر هوءَ ستي آ آڳر تي
ڇُر پُر ٿي وئي تارن کي آهي

باهہ جهڙيون بکون پهتيون پيٽ تي
اڄ اٿو ٿو ملي رت جي ريٽ تي

ڪا خوشي ڪونہ آئي منهنجي اڱڻ
درد هو هانءُ جي بيٺو ڪيٽَ تي

بارشون يار مرڪڻ واريون نہ هيون
ڪوڙ سڏڪا چپن جي هئا ٻيٽ تي

پاڻ ساري ڇڏيو مون سگريٽ سان
هر تمنا رکي هن پاڪيٽ تي

ٿيون اچوڪيون گهرن مائيون شيمپو
ڪا هري ئي نتي ڏيهي ميٽ تي

نٽَ اٿم پاتي تنهنجي نانءَ جي
نانءُ تنهنجو لکيو آ لاڪيٽ تي

ياد اسڪول جي سائر آ اجان
مار ڪاڏي تو منهنجي هئي ليٽ تي

بيڏوهه ۽ نظر جو تير هنيئي
الفت جي اکر جو تير هنيئي

ياکر ۾ پرين پنهنجي ويڙهي
زلفن جي ولر جو تير هنيئي

ڪر ياد سياري جا لمحا
ڪو سرد پهر جو تير هنيئي

هر خواب ڪڪائون منهنجو
تعبير شهر جو تير هنيئي

هر آس تي سڏڪي هن دل جي
اي سونهن مڪر جو تير هنيئي

اي مير تو منهنجي حسرت کي
ڏک درد چٽر جو تير هنيئي

هن ڪونج جيان وچڙي دل کي

سڏڪن جي ثمر جو تير هنيئي

هر ٿانءُ پيو سڏڪي گهر ۾
ڇو وقت ڏڪر جو تير هنيئي

جوڀن جو ڪنارو ٽڙپيو پئي
ڇو سمنڊ لهر جو تير هنيئي

جوڀن جو ڪنارو ٽڙپيو پئي
ڇو سمنڊ لهر جو تير هنيئي

ڳوڙهن سان ڀڄي سڀ پاند ويا
ڪيڏو نہ هجر جو تير هنيئي

هن عمر جي نس نس ۾ سائر
هر وقت زهر جو تير هنيئي

اڏار تنهنجي عرش تي ڪٿي پڇي ٻ مان پڇان
اڏام جيتري رڪان اُڏي اُڏي ٿڪي پوان

نہ ديپ ٻار هيڪلي ٿڪي هوا ۾ ڪامٽي
ڇئو رڳو ڇپن سان مان اجهو ٺي ٿي ٻري ٻران

سموند ڪي ٻنڌو ڏنم ۽ چنڊ تي چڙهي ويس
زمين تي رهي ٻہ آنءُ عرش تي نظر رڪان

ڪڏهن ڪڪر جي ڳنڍ ڪي رڪي چڏيان اکين ۾ ٿو
ڪڏهن رڻن ڪڏهن وري ٿو جهنگلن ۾ مان رهان

حُسينُ ڪربلا ۾ ، ڪربلا زنده حُسينَ ۾
شهادتن جو جام ٿو تڏهن ڀري ڀري پيان

وقت توسان اڙيو پيو آهيان
هر قدم تي لڙيو پيو آهيان

مرڪ ناهي رهي چپن تي ڪا
فرقتن ۾ سڙيو پيو آهيان

هجر جي قيد ۾ پيو تڙپان
مان غمن ۾ ڪڙيو پيو آهيان

پيار جي هنجھ جا ڪيئي خالي
پيار ان لئہ رڙيو پيو آهيان

غم جو عالم ويو ڪوئي ارپي
هر خوشيءَ کان تڙيو پيو آهيان

هجر جي آبَ آ چڙهيو ٻوڙي
منجھ سائر لڙهيو پيو آهيان

پکين جي ٽڪاڻن جون ڳالهيون ڀڏو
اپوجهن نماڻن جون ڳالهيون ڀڏو

لڇي ياڪرن جو پيو بسترو
اڪيلن وهاڻن جون ڳالهيون ڀڏو

سياڻن کي هرڪو تو ويهي ڀڏي
ڪڏهن ڪي اياڻن جون ڳالهيون ڀڏو

ٿي اغوا مڃي ۽ ڏنڌي هڙتال ڪئي
ڏکايل ۽ مهاڻن جون ڳالهيون ڀڏو

لفافن کي کولي پڙهو پي ڪڏهن
پرين خط پراڻن جون ڳالهيون ڀڏو

اگهاڙيون وڻن جون ٽيون لامون لڳن
لونِ جون ۽ لاڻن جون ڳالهيون ڀڏو

ٿين قيد سائر جيان بيگناهه
ٽڪل يار ٽاڻن جون ڳالهيون ڀڏو

ٻار منهجي پٽيان ٻکن جهڙا !!
منهنجا جذبا ٻہ ٻن وکن جهڙا !!

شاعري مونکي ماءُ جئن پياري
شعر مونکي مٺا ٻچن جهڙا

دل جي رڻ تان لنگهي رهيا آهن
درد تنهنجا اهي اٺن جهڙا

خط وري اڄ مليا سنهري هن
هاءِ تنهنجي چمين چپن جهڙا

چال هرڻي جيان تون ڏيندي آن
هٿ پرين جي اٽئي هٿن جهڙا

اڄ تہ سائر کي ويڙهہ خود ۾ ئي
تنهنجا ٻاکر صنم عدن جهڙا

ڏسي اوهان کي چمن ٿو مرکي

گلن جو پن پن عدن تو مرڪي

اوھان پڇاڻان اداس آھيون
نہ تن تو مرڪي نہ من تو مرڪي

اٿيا وٺڻ حق ٻچا حلالي
ڏسي سي جوڏا وطن تو مرڪي

ڇھاءَ تنھنجي ڪي اڄ بہ ساري
سندم يقينن بدن تو مرڪي

شھادتن جي وري آ موسم
مٿي تي مھڪي ڪفن تو مرڪي

نہ آس جو وڻ سڪي ڪو سائر
وصل جو سائو صحن تو مرڪي

ڪٿ ڇڳل تي سمھي رھيو آھيان
ٻڪ جو ڳوڙھو اگھي رھيو آھيان

درد تنهنجي چُني رهيو آهي
آئون مڪمل ٿُٽي رهيو آهيان

هجر ۾ مان پري پري هاڻي
ميڻ وانگر اجهي رهيو آهيان

وصل جي خلش پئي چڀي مون ۾
مان صدين کان چڀي رهيو آهيان

زندگي منهنجي ٿي جيئڻ معذور
پاڻ سان مان رسي رهيو آهيان

ڇو غريبي مٿان کليو پيا ٿا
لوڪ کان مان ڇپي رهيو آهيان

رات اونداهه ڪي ٽڙي سائر
باک وانگر ڦُٽي رهي آهيان

تون وڇوڙا ٿي ڇٽين دل جي پينيءَ ۾
وصل مان تنهنجي اچي سرهي ڇنيءَ ۾

کيپ مون تي ٿا وڄن چڙهندا هزارين
هن چمي پڪ ڪا اماڻي آ چڻيءَ ۾

چنڊُ هي ڪنگڻ جڙي توکي ڏجي ٿو
سڄُو ستارا ٽاڪجن تنهنجي چنيءَ ۾

گهر سڄو خوشبو وڃي ٿيندو پيو اڄ
چا الئہ آهي رڌيو جيجل ڪنيءَ ۾

مينهن ۾ هڪ ٻار پسندو پيو وڃي ٿو
آنءُ ٻيٺو هُوس پنهنجي گيلريءَ ۾

زندگي تو ڪان سو بيڪار آهي
اڄُ اڃلي تو چڏيان آئون رديءَ ۾

مون کي جنت ئي تڏهن ملندي اي سائر
مان دفن ٿيندس جڏهن سَنَڌ جِي مٽيءَ ۾

جهڙالي مند ۾ تنهنجو گرم ياڪر هجي ها
اسانجو ان گهڙي ڏَسِ سرُ ڪٽي دلبر هجي ها؟

اسان جو ديس هي جرڪي پوي هان دوستو پر
نہ هُو آصف نہ هي عمران ئي ليڊر هجي ها

اوهان جو عشق مونسان جي سسئي وانگر هجي ها
تہ پو قدمن اوهان جي هيٺ هي ڏونگر هجي ها

اوهان جي ڪاهہ پل ابره جيان مون تي هجي ها
اسان جو پي ابابيلن سندو لشڪر هجي ها

اوهان پي ڪجھ تہ آزاديءَ جي لِئِہ جاکوڙيو ها
اوهان کان پي اڳتي هي دوستو سائر هجي ها

تنهنجي حسن جي پاسي اکڙيون ڪڏهن اڪاريون
سوچن جو هي جي پيڙيون تاريون تہ ڪينئن تاريون

نن‌ڍڙي عمر ۾ مون تي ڪيڏا هي بار آيا
بک جون ڪلهن تي آهن ياري رکيل تغاريون

هي چنڊ ويو هليو آ تارا ڪٿي ته ڪاڏي
هن ذات سان او شاعر ڏيئا ڪٿي ٿا ٻاريون

ڪوهن جو پاڻي ڪارو منڙو وڃي ٿو ٻڌجي
ڪچ تي گهڙا ڪٿي جو ڪلنديون اچن ٿيون ناريون

ٿڌڙي هوا ۾ آهي نياپو نئون لڪيل ڪو
جهومي رهيون هي آهن سرهيون ٻنيءَ تي ساريون

ڪهڙي اچي علالت مون وٽ پڳي آ سائر
جوين ۾ ٻئي ٿنگون آهن جنهن اچي جو ڪاريون

پيار جو پيچرو وٺي هلجي
وصل جو وهڪرو وٺي هلجي

تنهنجي فتويٰ پلي هجي ڦاهي
تنهنجو ئي فيصلو وٺي هلجي

جو انڌيرن ۾ پاڻ پيا پٽڪون
عشق جو سوجهرو وٺي هلجي

هن ادب جي نفيس معمول ۾
ذات جو ڀروسو وٺي هلجي

پاڻ سائر گهرون ٿا آزادي
سنڌ جو تذڪرو وٺي هلجي

چانڊني نقاب ۾ ٿي رهي
هر گهڙي عذاب ۾ ٿي رهي

زندگي نہ ٿي جو جاڳي ڪڏهن؟
بس رڳو تہ خواب ۾ ٿي رهي

كيس ڇا پڙهي به آئون پڙهان؟
دل جي جو ڪتاب ۾ ٿي رهي

اڄ بدن کي ڪيتري هوءَ ڏئي
پٽڪندي سراب ۾ ٿي رهي

رقص ٿو سندس مان بڻجي وڃان
هوءَ جو رباب ۾ ٿي رهي

ٿي اکين منجهان وسائي ڪڪر
گمُ هجر جي آب ۾ ٿي رهي

هوءَ ٿي جواڻ هن ڳوٺ ۾
اڄ به آب تاب ۾ ٿي رهي

ماڪ ۾ ٽِڙي ٿي سائر ائين
چڻ ڪلي شباب ۾ ٿي رهي

تون آن مچي نديءَ جي ۽ مان ڇار ڪو بڪارو
تو کان سواءِ اندر ٿو ۽ منهنجو رهي اجارو

طوفان گهل نه ايڏو ۽ دل جي جهڳي ڊهي ٿي
ڇا منهنجي مفلسيءَ کان آهين تون زور وارو

هو چنڊ ٿي لڄي ۽ رخ تان هٽاءِ نہ پردو
سڀ تو ۾ آ سندرتا، ٿئي انگ انگ پيارو

ڳوليان جڳن کان توکي، پر تون ملين ڪٿي ٿو؟
دنيا وسيع آهي، منهنجو سفر اڌارو

اُڀَ تان ڪرن ٿا ڪرڻا ڪنهن پرھ ان ڦٽيءَ جو
سو پهر رقص تنهنجو، آهي ڪندو نيارو

منهنجي حيات لهرن جي ور چڙهيل آ يارو
سائر ڏکيو لڳي ٿو، تنهنجو هي هر ڪنارو

تون نينهن نشيلي بہ ڪڏهن ٿيءُ
۽ مرڪ چنبيلي بہ ڪڏهن ٿيءُ

منَ منهنجي منجهان ٻولِ مٺي تون
ها ڪوڪ ڪويلي بہ ڪڏهن ٿيءُ

چو روز ٿي جهٽڪين ۾ ڏڏين پئي
منهنجي ڪا سهيلي ٻہ ڪڏهن ٿيءُ

سائي ۾ اچي جنهن جي مان ويهان
اهڙي ڪا حويلي ٻہ ڪڏهن ٿيءُ

سائر سان اهي ساحريون چو؟
سلجهيل ڪا پهيلي ٻہ ڪڏهن ٿيءُ

ڪنهن جو تضاد آهين
ڪنهن جو مفاد آهين

تو ۾ حسن وڪامي
حسن بلاد آهين

منهنجو قلم ۾ تحرير
منهنجو مواد آهين

قابيل ياءُ تنهنجو
تنهن لئِہ جلاد آهن

آدم نہ ٻول هيٺو
تون ٻي نقاد آهين

تو مان ٽٽي نہ سگهندس
منهنجو بنياد آهين

منهنجي تون هر خوشيءَ جو
سائر سواد آهين

صنعانُ ڪٿي آهي ، صنعانُ ڪٿي آهي؟
سنڌ سونهاري جو مڙس مهان ڪٿي آهي؟

سنڌ سموري ئي ڌارين کي وڪٽي تو ڏين!!
او زرداري تنهنجو ايمان ڪٿي آهي؟

ٻيٺو ٻيٺو شيلنگ آسو گولا سهندي
اهڙو مڙس ٻيو ڪو پهلوان ڪٿي آهي؟

منهنجي ئي جهولي مان ڪيس ڪنيي ويا آهن!
سنڌ چوايو منهنجو ، وجدان ڪٿي آهي؟

ڏاريا منهنجي ڌرتيءَ تي قابض ٿيا هن!
ڪاٽي آهي او تير ڪمانُ ڪٿي آهي؟

بحريا ٿائون زرداري مافيا نامنظور
هي انڌيرو قبوليون، امڪان ڪٿي آهي؟

آزاد ڪپي صنعانُ سگهو آزاد ڪپي
سائر قوم سنڌين جو اڳوانُ ڪٿي آهي؟

لڙڪن ڪي پي وٺان ٿو
ائن يار جي وٺان ٿو

ايندي خوشيون خريدڻ
بازار تي وٺان ٿو

تو ۾ شعور ڪونهي
مان واٽ ۾ِي وٺان ٿو

تارن جو رخُ ڪليو آ
چاهت چٽي وٺان ٿو

ڪچندا ته تنهنجي آڏو
چپڙا سبي وٺان ٿو

ٿي وچ لهو تون رت ۾
ذرتي ڪسي وٺان ٿو

تو مان چٽڻ ڪان اڳ ۾
تو ۾ ڦٽي وٺان ٿو

سائر امڙ بکي لئِہ
ماني رُڪِي وٺان ٿو

لهجو تنهنجو سخت تي ويو
رنج منهنجو بخت تي ويو

لبّ رکي پيشانيءَ تي مان
ماءُ کي چمندي وقت تي ويو

ويا آڳوٺي چاپ پهچي
تن جو اعليٰ تخت تي ويو

ڳوٺ جي ڏسندي ئي نياڻي
آ وڏيرو مست تي ويو

اڄ سڳنڌن ساڻ ڳڍجي
ڳوٺ هن جي گشت تي ويو

منَ جا سائر ورق ڌوئي
صاف صوفي پڳت تي ويو

نہ ايڏي پيچ ڊاھ ڪر
تون جوين جي ٿاھ ڪر

وجن لٿيو سنڌ پيا
اٿي تن تي ڪاھ ڪر

مٿان منهنجي مينگھ تي
اکيون هي وڙاھ ڪر

شرم واري ڏار اک
سياڻا ساڃاهه ڪر

نہ ڪنهن تي تنقيد ڪر
تون رسمي واهه واهه ڪر

مريدياڻيون پيو تڪين
شرم ۾ سائر شاهَ ڪر

هوءَ جي هيل وري پوندي
دل جي جاءِ ٺري پوندي

هٿ هٿن سان جي ٽڪريو
تن ۾ آڳ ٻري پوندي

مظلومن جي دانهن تي
اُپ جي دل بہ ڏري پوندي

تو بن منهنجي جواني هاءِ
ڪاڳر جيئن ڳري پوندي

ڳالهاءِ نہ ڪاوڙ ۾ تون
بڻجي ڳالهہ ڇري پوندي

سائر دل جي سير اندر
سهڻي پاڻ تري پوندي

پکين وانگر اڏامي هل هلون هتڙان
وڇوڙن ۾ اپامي هل هلون هتڙان

نہ سنڌي کو ڏسان آزاد ٿو هتڙي
متان پهچي غلامي هل هلون هتڙان

اڏي افلاڪ تي گهر پيار جا جانان
رهون اتڙي مُدامي هل هلون هتڙان

اسان جي جوش تي ڪاھون سوين آھن
وجون ٿا ڇو اجھامي؟ ھل ھلون ھتڙان

بھارن جا وٽي ٿا قافلا نڪرون
نہ وڃ سائر! رسامي ھل ھلون ھتڙان

قيمتي ڇو زندگاني نہ ڄاتئہ؟
ننڍپڻ ۾ سا جواني نہ ڄاتئہ!!

راحتن جو وقت ڇلندو رھيو تي
وقت جي ڇو قدرداني نہ ڄاتئہ؟

تنھنجي ڇھري جا بٽيا ڇانورا تي
ڪاڪلن جي پاسباني نہ ڄاتئہ

ھر انگل تي تنھنجا پورا ڪيا ويا

نندپڻ جي حڪمراني نہ ڇاتئہ

پينگهہ لوليون ۽ ماءُ جي الله
ورد منٽو سو قرآني نہ ڇاتئہ

اڪ ّ سائر تنهنجي نسري جڏهن هئي
ڦوهہ جوين جي سا ڳائي نہ ڇاتئہ

بهارن جي آمد ٿي گلشن ۾ آ
قرارن جي آمد ٿي گلشن ۾ آ

ڪري لاڏ ٻولين پيو بلبليون
پڪارن جي آمد ٿي گلشن ۾ آ

پکي آ جو مالهڻ سنڀالڻ تڏهن
مون پارن جي آمد ٿي گلشن ۾ آ

گلن تي پون ٿا ڦڙا ماڪ جا
نظارن جي آمد ٿي گلشن ۾ آ

معطر ٿيو سائرُ سڄڻ جَي پڳو
پيارن جي آمد ٿي گلشن ۾ آ

خوشبو تنهنجو ڏس ڏيندي آ
دل جي چيچَ وٺي ايندي آ

تنهنجي بُتَ جي ٿي پياسي آ
هاءِ ندي توکي سڏيندي آ

گل مروڙيندي تون آهين
گل ڪارِي گھايل ٿيندي آ

جوين جي اک هن مان ايري
پيريءَ کي وِتُ ارپيندي آ

ساهيڙين سان جو گھمندي آن

بي چيني لڳ ّ پٽيندي آ

ليئو پائي مون کي ڏسي هوءَ
پوتيءَ کي پئي تہ چڪيندي آ

گيسو چوڙيندي آ سائر
موسم پاڳل ٿي ويندي آ

هوا گهر گهڙي پئي سڄڻ جي الا ڙي
سندس سونهن ڏاهيو وڃي ٿي صفا ڙي

هوائن جي جهونڪن ڪيس بت اگهاڙو
اسان جي اڱڻ جا ٿيا لڱ ننگا ڙي

ٻڌائي مان توکي چڏيان پنهنجو سائين
ڪٿان آٽيان آنءُ اهڙي ڪلا ڙي

ڪري سفر هر ڪو هتي ٿو زميني
هلي اچ گهمون اچ خدا جي خلا ڙي

ڪري روز حملا ٿو مارِي پکين تي
ٿي ويچارڙن کان بہ ڪهڙي خطا ڙي

جوانيءَ اوهان جيءَ جو اُيري پيو سِجُ
وري تنهنجي جوڀن جي ٽيندي مسا ڙي

اسان نا اميديءَ کي سائر کُٽو ٻي
تڏهن ٻي اميدن جا سَبَ هڏَ ڀڳا ڙي!!

عشقِ عقيدت مڃان ٿو
تنهنجي غنيمت مڃان ٿو

ذرمن جو مون وٽ قدر آ
فهم و فضيلت مڃان ٿو

مون ۾ سچل سامي ساڳيو
۽ شاهه عنايت مڃان ٿو

من ۾ ٿو منصور ٻولي
سا ئي شهادت مڃان ٿو

مون ۾ ئي تبليغ گونجي
شوقِ شريعت مڃان ٿو

تبريز رومي وسن پِيا
سائر وسيعت ميان ٿو

ماڻهپي جا گڻ پسان تو ۾ پيو
آجپي جا گڻ پسان تو ۾ پيو

پنهنجي محبت جو فصل پوکيئي جهجهو
هارپي جا گڻ پسان تو ۾ پيو

عشق منهنجو ويو مري تنهنجي اڳيان
کانڊپي جا گڻ پسان تو ۾ پيو

سانوڻي تي لهُ سرءُ سان لانءَ کا
راضپي جا گڻ پسان تو ۾ پيو

نيٺ سائر کي ٻہ آندو تو "وَڏَي"
واهپي جا گڻ پسان تو ۾ پيو

مان لکان تنهنجي چپن جي مرڪ تي
لال لبڙن ۽ بدن جي مرڪ تي

وار چوڙي تي اڳيان منهنجي گهمين
مان ٽيان صدقي چڳن جي مرڪ تي

بعد مدت ۾ دل جو ڪمرو آ کليو
در ۾ دريون تنها صحن جي مرڪ تي

چو خزان جو پيو جگر هر پل جلي
اي خدايا ڏِسُ گلن جي مرڪ تي

پيٽ چڙيو پنهنجو هر ڪنهن کي وٽي
ڪانءَ مرڪي پيو ٻچن جي مرڪ تي

چنڊ جي چانداڻ پيو چڻ مان ڇهان
جئن رکان ٿو چپ ڳٽن جي مرڪ تي

واءُ چاهت جو گهلي پيو هر طرف
سانوري تنهنجي وچن جي مرڪ تي

سِرَ ستارن پنهنجا سائر ها وڍيا
چنڊ تنهنجي ئي چمن جي مرڪ تي

تنهنجو آسڻ جاچي لهندس
سڄ تي تنهنجي پاڇي لهندس

آءُ ڪڪر تي وسندس هاڻي
پاڻ اڃاري ڪاڇي لهندس

تنهنجا ڏار ٽٽا پيا آهن
آنءُ پکيئڙو ڪاٽي لهندس

ٻيٺ نہ مور ڏٻا هي سنڌ جا
ڏڙَ ڏارين جا ڪاٽي لهندس

ڪيڏا وار ڪندين تون قاتل
تنهنجا ڏک سي ساٽي لهندس

ڇيتو ٻڌجي سائر آئين؟
هرڻي تي سر آڇي لهندس

مون ۾ ويساهه چڏي وئي
پنهنجو ڪو ساهه چڏي وئي

گهر رحمت سان وسندو هو
ماءُ هئي ۽ الله چڏي وئي

مون مان موتي ميڙي سڀ
مون ۾ ڪو چاهه چڏي وئي

سنڌ گهري پئي آزادي
گهر گهر آگاهه چڏي وئي

مون مان عشق وٺي نڪتي
اڪ ۾ آڙاهه چڏي وئي

مون مان سائر ترڪي وئي
مون ۾ درياهه چڏي وئي

چوءُڏڳي تي ويهه تون ۽ چوءُڏڳي ڪا ٿاهه تون
عاشقن ڪان عشق وٺ ۽ زندگي ڪا ٿاهه تون

پيار جا پيرا ڪٽي پره تو وٺ وئي پڇي
پيچرن تي ڏئي چميون ۽ تازگي ڪا ٿاهه تون

علم جو سج ويو لهي ۽ ڪَرُ جهالت آ ڪنيو
روشني آ علم سان ۽ روشني ڪا ٿاهه تون

سنڌ ڪان تي ۽ ٿئي ڪراچي الڳ اُٿُ سورما
آڻ نئون انقلاب ڪو ۽ نئين پڌي ڪا ٿاهه تون

ڪيترو سائر اڪيلو جواني ڪي ڪندين؟
زندگيءَ لئِہ همسفر ۽ سانوري ڪا ٿاهه تون

بي رخيءَ تنهنجي ۾ تي ديد ڏڪاري آهي

ڇڻ ته صحرا جي اڳيان دل ٿي اجاري آهي

زهر سقراط جو پيتو ته سبب ڪو هوندو؟
سوچ حافظ جي مون ٿهڪن ڏي اڏاري آهي

گهر ۾ ڪالهاڪون ڪني ڪاٿي چڙهي ير آهي
ٿي ٻچن ساڻ امڙ پيي ته بڪاري آهي

هو چون ٿا ته محبت ۾ خواري آهي
عشق جي آئون هٿان ئي ، جا اجاري آهي

ڪيترو پاڻ سنواري مان هلان دنيا ۾
زندگي ڪاٿي ملي ابدي؟ اڏاري آهي

صرف ميهار تماشو نہ ڏٺو ٿي سائر
پنهنجي سهڻيءَ سان حياتي ئي اڪاري آهي

تڏي پره جي هير ڪي جا وڻي آ
هزارن ۾ منهنجي سنڌو* هڪ ڇڻي آ

هوائن سان تي ٿهڪ اُيَ ڏي اماڻي
ستارن سان گڏ گڏ پيو اُيُ چٽي هاڻي

ڪنيو پاڻ چوندي مون هڪرو سچڻ آ
رهيو روح منهنجي جو سوئي ڏٽي آ

اڏاٽا وجن تا وڻن تان پکي چو؟
پڳو باز سئُو وارَ تن وٿ ڪٽي آ

لڳو نانگ تنهنجو وچوڙو برابر
ڳٽي ڏنگ مونکي ويو جو هٽي آ

سِڀي جنهن لئِہ سائر سدائين پياسي
نظر ۾ ڪا بارش جي چڻ هوءَ ڪٽي آ

- سنڌو ـ امر رباب چانديوءِ سنڌ جي بهادر نياڻيءَ جو اصل نالو

هو ڇهي جئن بتيون وڃان ٿيندو
چڻ تہ گل جون پتيون وڃان ٿيندو

هوءَ تہ محلن ۾ آهي آرامي
تنهن لئہ جاڳي ڪتيون وجان ٿيندو

هن ڪي منهنجو نہ گهرجي نذرانو
ڪنهنجي ڪارڻ پتيون وجان ٿيندو

خوب ماروئڙن جا گفتا ڏس
محفلون هن متيون ۽ وجان ٿيندو

بي عدل هن سماج ۾ سائر
ڪي اڪيون مان رتيون وجان ٿيندو

تنهنجي نگاه ۾ آهيان
رب جي پناه ۾ آهيان

هي عشق باه پنيث آ

انجي ٽيو ڪاھ ۾ آھيان

پھتي جو ڪانھلائي آ
تڏھين تہ باھ ۾ آھيان

تنھنجو مزاج ڪات ڇريون
محرم جي ماھ ۾ آھيان

فن فڪر ڪو نہ پرکي ٿو
بس واھ واھ ۾ آھيان

تنھنجي پڇان وراڻي سان
پر قيد ڳاھ ۾ آھيان

حق سنڌ جا وڙھي وٺبا
سائر نباھ ۾ آھيان

ڪو صدين جو گھاءُ آھين
يونءِ مٿان ايذاءُ آھين

ھر سمايو رنگ ۾ آن
موتي جو ڦھلاءُ آھين

مان ٽيان سڏ ۾ تون وراڪو
منهنجو ئي پڙلاءُ آهين

زخم وانگر مان ڪُران ٿو
تنهنجو ٿيو ڪهڪاءَ آهين

نيڻ آندءِ آجيان ۾
منهنجو آڌرياءُ آهين

لڳ ٽرن ٿا هڪ لمس سان
تون اتر جو واءُ آهين

ذات سائر سان جڙي جا
ان جو ٿيو سرچاءُ آهين

اوٽرن جي اڳيان اَڏِ جهڳي پيار جي
ڪونهي پرواهه طوفان ۽ سنسار جي

هيڪلي آ حياتي نہ ڪو پرجهلو
مونکي آهي طلب تنهنجي سهڪار جي

سونهن چانديءَ جيان تنهنجي پيئي لڳي
آهه لالي گلابن ۾ رخسار جي

عيد جو رنگ بکيو ڏسي پيٽ ڇا !!؟
اڄ ڪٿي ماءُ معصوم ڪنهن ٻار جي

شام آئي اجهو هيڪلائي ڪٿي
وئي وڌي آ اداسي دل زار جي

رات سائر وڃائو ڪيو انتظار
مند پريل هئي تنهنجي ديدار جي

سارِ جي ساري سگهين تو
تارِ جي تاري سگهين تو

تنهنجو ٻارڻ ٿي پيو هان
ٻارِ جي ٻاري سگهين تو

پڙڪيو شعلا ٿي آهيان
ٺارِ جي ٺاري سگهين ٿو

مان زنده تو ۾ ئي رهندس
مارِ جي ماري سگهين ٿو

دوست مون سان پل سهانا
گهارِ جي گهاري سگهين ٿو

آنءُ تنهنجو داءُ آهيان
وارِ جي واري سگهين ٿو

عشق! مان چانگو بکارو
چارِ جي چاري سگهين ٿو

آب هان تنهنجي اکين جو
هارِ جي هاري سگهين ٿو

تياڳ پِيا مون ساڻ الجهي
ٿارِ جي ٿاري سگهين ٿو

غم ۾ سائر پنهنجون اچڙيون
ڏارِ جي ڏاري سگهين ٿو؟

منفرد آ ڏانءُ پنهنجو
ذات تڏڙو ٿانءُ پنهنجو

مست ٿي آهي خدائي
جڳ ۾ گونجي نانءُ پنهنجو

درد جي ڏرتيءَ تي آهيان
گوندرن ۾ گانءُ پنهنجو

ڪو نہ آيو چو خوشين جو؟
ڪو بہ قاصد ڪانءُ پنهنجو

ميڻ ٿي ڳرندو رهي ٿو
هجر ۾ هي هانءُ پنهنجو

ڪُنَ هٽي سائر پيو مَنُ
صاف صوفي نانءُ پنهنجو

مون کي اکير تنهنجي مون وٽ آ پيار تنهنجو
اٿئين پهر رهي ۽ دل کي انتظار تنهنجو

آهي ڏٺي نرالي ڪلتار! تنهنجي رحمت
گندو هئس ۽ مگر ٿيس پرهيزگار تنهنجو

تون خيال خام ناهين تون منهنجو جام آهين
منهنجي اکين ۾ آهي هر پل خمار تنهنجو

تنهنجون اگر بکاريون ديدون هي دوست آهن
هرڻي بڻي مان ٿيندس اي شينهن شڪار تنهنجو

تون پرهه منهنجي آهين ۽ ۾ زندگيءَ جا ڪرڻا
ٿي ماڪ تون وسين ٿو ۽ پل پل بهار تنهنجو

تون منهنجو آنهه سائر ۽ چڏ وهم ۾ وسيلا
دنيا جو آنءُ ناهيان ۽ آهيان نبار تنهنجو

وٺ پکڙ لڳي پئي آهي
ڪا تڪڙ لڳي پئي آهي

سيءُ نہ منهنجي ويجهو ايندو
سڪ سَوڙِ لڳي پئي آهي

ڪو ٻڌي نہ شايد هت ٿو
رڙ تي رڙ لڳي پئي آهي

ڪنُ نہ زندگيءَ جو ٿو ليي
سئُو وڪڙ لڳي پئي آهي

مون منجهان هنيائين پاڙون
جيءَ ۾ جڙ لڳي پئي آهي

جوت تي چوي اُٺُ اُٺُ ۽ پر
ڇنگهہ نڙ لڳي پئي آهي

ڇانو هن جي سائر مون مٿان
ڪينئن نہ جهڙَ لڳي پئي آهي

ويئي ڪڇي ساٿي هٿن مان پنڌ ڏورين چو نہ ٿين؟

ڏياچ وانگر مرد ٿي سر پنهنجو گهورين ڇو نہ ٿين؟

آءُ تو مان هاڻ اڏري اپ ٿي آهيان رسيو
ڪنهن لغڙ جي ڏور وانگر پو بہ سورين ڇو نہ ٿين؟

قيد ڪوٺن ۾ اچي ٿيو آن خبر ساري اٿئي
حوصلي سان هي مگر تون ڏاڍ ڏورين هو نہ ٿين؟

ساز صوفين جا ٿيس جهيڙا ڏنو روئي سرن
تار دل جي لوز ٿي وئي چنگ چورين ڇو نٿين؟

مان دري تنهنجي تي ڏيئي جيئن پرندو تو رهان
تون هوا ٿي؟ يا ٻيوءِ پر حال اورين ڇو نٿين؟

هر قدم تي آ رڪاوٽ هر قدم تي آ جبر
واٽ هي تون رهزنن جي نيٺ پورين ڇو نٿين؟

اڻ تريو آهيان اوهان ۾ مان ٽُرڻ تو چاهيان
پنهنجي تون چاهت جي تارازيءَ ۾ تورين ڇو نٿين؟

هي وڇوڙن جا وڳا چنبڙي لڳن تي هن پيا
وصل جي ڪينچيءَ سان سائر سي ڪورين ڇو نٿين؟

تنهنجي بدن سان تعلق ڪهڙو رکي هوا ٿي؟
ان ڪي ته روڪ ڇا لئه توکي ڇهي سدا ٿي

جن پٿرن کي تو هو ڪلهه هٿ سان تراشيو
اڄ تن کي ڇو بڻائي پنهنجو رکيو خدا ٿي؟

پيٽن سان ٿيندين پوڻيون ائين پيٽ ڪاٽي ملندئي؟
جوڙا مئا نه آهن سنڌي اٽيا ٻچا ٿي

ڇا ڪو زوال پهتو، تنهنجي خوشين مٿان آ؟
جو پنهنجا تو ائين هي ميرا ڪيا لٽا ٿي!!

هٿ خواب سڀ ڪٽا ويا تعبير جن جي سولي
پنهنجي اکين کان ڇا لئه سپنا رکيا وڏا ٿي

تنهنجي ملڻ سان سائر موسم وڃي ٿي مٽجي
اهڙو آ ڏانءَ تو وٽ ۽ اهڙي ڪا ڪلا ٿي

تو کان جو پيار ورتم زوري ته ڪا نه ڪئي

دل تنھنجيءَ ۾ گھڙي ڪا چوري ته ڪانه ڪئي

مون ننڊ خواب جي صحرا ڏانھن موڪلي
ڪاٽي ھيءَ تات تنھنجي چوري ته ڪا نه ڪئي

ھئا چنڊ ۽ ستارا نابين تو اڳيان
محبوب تور تنھنجي ٽوري ته ڪا نه ڪئي

مفلس جي تو پسيني مان ئي وضو ڪري
زاھد ڪان پڇ عبادت ڳوري ته ڪا نه ڪئي

سائر جي منزلن جا اھنجا سفر ھيا
ھن لاءِ تو ڪڏھن ڪا جھوري ته ڪا نه ڪئي

محتاج ٿي حياتي، جيئڻ بڻيو تماشو
انڌن اڳيان به پنھنجو روئڻ بڻيو تماشو

مشروب جن لئِہ مقرر ۽ روح رُخ يزيدي
تن وٽ تہ يار پاڻي پيئڻ بڻيو تماشو

ٽيو پيٽ جو بڪارو بک کي ٻڌم پلئہ ۾
بيداد کان گهرڻ ۽ هٿَ ٽنگڻ بڻيو تماشو

جوين جي وٽ جا عضواء هنڌ هنڌ کان پيا اکلي
ٽيٽيهہ سال ۾ ، لٽ چاٽڻ بڻيو تماشو

توسان ملڻ جو سپنو اک ۾ ڇپيو پيو آ
سڪ جي ٻنيءَ تي پنهنجو پٽڪڻ بڻيو تماشو

اک جي ندي اجان پيي منهنجي سڪي نہ آهي
احوال دل جو توسان اورڻ بڻيو تماشو

مرڪون تہ ڪيئن مرڪون پنهنجي ڇپن کي کولي
پنهنجو هتي تہ سائر سڏڪڻ بڻيو تماشو

بستر تي ياڪر لڇي آهن رهيا
بي چين ناڪرَ لڇي آهن رهيا

آمد مُحَمَّد ﷺ سان روشن ٿي دنيا
۽ ڪل ئي ڪافر لڇي آهن رهيا

گرهڻ ڏسي سج جي ٿيا مضطرب
دنيا جا ماهر لڇي آهن رهيا

هر ڪو سگهارو ڪوي بڻجي ڪٿان؟
جدت لئِہ شاعر لڇي آهن رهيا

هن موت سان ڪنهن نہ سينو تاڻيو
اڳيان اڪابر لڇي آهن رهيا

تو کان سواءِ شهر هي ويران آ
منظرَ مناظرَ لڇي آهن رهيا

سهڻي ٻڏي عشق جي هن انڌ تي
ساحل ۽ سائر لڇي آهن رهيا

وسن هي منهنجي بدن مٿان پيا
وٽيءَ جا ڇهبڪ لڱن مٿان پيا

ٻچا غريبن جا روڄ ۾ هن
رلن ننگا لڳ ڏڳن مٿان پيا

تون گل رسيلو لڳين ٿو سهڻا
ٿا پونئر ڦِرَني چپن مٿان پيا

هي عرش ڪينجهر جيان لڳي ٿو
سيئي ستارا ترن مٿان پيا

پکين ڪيو پاپ آهي ڪهڙو؟
ٿين جو حملا وڻن مٿان پيا

خيال منهنجا پچن پيا تو ۾
۽ شعر لکجن وطن مٿان پيا

هي درد تنهنجا قطار ٿاهي
دلين جي سائر هلن مٿان پيا

وحدت جي ٻيڙي تار وئي ٿي
توحيدي منزل پار وئي ٿي

رومي تبريز جو پروانو هو

رقص ڪرڻ جنهنجي ڪار وئي ٿي

حسناڪ چڙهي سارا شهزادا
منهنجي هوءَ خريدار وئي ٿي

انگريزن جي نظريي سان محبت
هت اسلام مٿان ڪار وئي ٿي

حيدر جا شيدائي جي سڏائن
اڄ تن جي وحشت نارِ وئي ٿي

عشق سندي سُرڪ پري جو پيتم
دل خوشبودار وئي ٿي

مينهوڳي مند ۾ اچين هان
چپن جي مَندَ ۾ اچين هان

اڏاٽي هيڪلي وجي ٿي

پکين جي جهنڊَ ۾ اچين هان

دنيا خاموش ٿي وڃي هان
جنوني انڌ ۾ اچين هان

ٿي خوشبو بسترا وڃن هان
گهِڙي جي هنڌَ ۾ اچين هان

لڪي آن ڪڪر اوٽ ۾ چو
سمي لئِ چنڊ ۾ اچين هان

ڪري سائر مشاهدو هان
وصل جي ننڊ ۾ اچين هان

دل وڃايل تتل پهڻ تي آ
ڪنهن پتنگي جيان جلڻ تي آ

آ حياتي ٻچن جيان پياري

موت مون کان مگر کسڻ تي آ

وات ڦاڙيون بدن اچي کائڻ
هي وڇوڙو بہ چڻ لنگهڻ تي آ

ٻير جوين جي وئي پچي آهي
عشق هاٺي ڪڙو هٽڻ تي آ

دردَ بارش جيان نہ وس مون تي
دل جي ڪوٺي ڪچي ڊهڻ تي آ

زندگيءَ جو حصو ويو هڪڙو!
ٻيو بہ سائر اجهو وڃڻ تي آ

سونهن جو تون دادلو آهين
عشق جوڪو وهڪرو آهين

مون مٿان ڪڙڪي دنيا پئي آ

يا خدا ! تون پرجهلو آهين

سڀ اڏامي ويا پکي هتڙان
تون رهيو چو هيڪلو آهين

منهنجي هن اونداهه راتين جو
اي محمد ﷺ سوجهرو آهين

تون ئي آن محدود اکڙين ۾
منهنجي دل تي دائرو آهين

دل جي ڌرتي تي ڏڏي سائر
منهنجي لئِہ تون زلزلو آهين

آڪاس ڏي ڏسي تارن تي سوچجي
وشواس سان هلي يارن تي سوچجي

تنهنجي بہ ديد آ دريا جو وهڪرو
اڄ يار چو نہ تن تارن تي سوچجي

جيڪي هٽن پيا هت روز ڏنگ تن
واسينگ ۽ سياهه وارن تي سوچجي

هر ٿانءُ دل جو آهي هت اداس پيو
پنهنجي اماس ويچارن تي سوچجي

جيڪي ڳيي لٽي لاءِ پيا سڪن
اهڙن غريبڙن ٻارن تي سوچجي

پيو ڪڪر چانءُ ڪري جنهن جي مٿان اڃي
محبوب جي انهن پارن تي سوچجي

دل جون گهٽيون سيئي ويران تو ڪيون
اڄ چاهه جي انهن چارن تي سوچجي

سائر چو پيو رلين جنمن کان تون وٺي
تنهنجي انهيءَ سفر سارن تي سوچجي

رات جي روشني ڪٿي آهي؟
منهنجي سا مئڪشي ڪٿي آهي

ويو ادب مان ادب چڏائي آ
ڳالهه هيءَ بي تڪي ڪٿي آهي؟

قوم تعصب ۾ پئي وڃي جلندي
هڪ اتي ٻي سُتي ڪٿي آهي؟

سچ بغاوت ڪري وري اڀريو
قوم سنڌي اٿي ڪٿي آهي؟

رقص ۾ مدرسا مسيتيون هيون
اڄ قرائت رهي ڪٿي آهي؟

ماڻجن جنهن ۾ سئُو خوشيون سائر
سا حياتي بچي ڪٿي آهي؟

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



نالو **حسين علي** . ادبي نالو ـ **سائر حسين** ذات معارفاڻي چانديو . تاريخ 1985 ـ 01 ـ 01 تي ڳوٺ سعدالله خان چانديو تعلقي واره ۾ جنم ورتو . هن وقت واره شهر ۾ رهائش پذير آهي . تعليم فقط پهريون درجو پرائمري پڙهيو آهي . تعليم يافتہ نہ هجڻ باوجود علم عروض تي وڏي دسترس اٿس .

شاعرن جي اندر جي دنيا بہ عجيب دنيا آهي . جڏهن ٻاهرين دنيا ۾ قباحت زوران زور هجي تڏهن شاعر ان کي حسين ترين ڪري پيش ڪندا آهن . جيڪو حسن . دراصل انهن جي اندر جو حسن هوندو آهي .

سائر حسين جي شاعري سندس اندر جي اڌمن . آرزوئن ۽ پيڙائن جي آرسي آهي . سندس روح جي ٻولي ۽ ويران صحرا مان اڀري آيل صدائن جو پڙاڏو آهي . سندس ڪيترائي شعر ماڻ وارن پڙهندڙن جي دل ۾ لڪل ڇپايلَ دردَ ۽ پيڙا جي ترجماني ڪندي محسوس ٿيندا . ڪنهنجي درد سان هم آهنگ ٿي دل جي تارن کي وڄائي وجهندا . سائر جي شاعريءِ جو سائر ڪڏهن مُندن جو مُونجهو تہ ڪڏهن سوڪهڙي ۾ سوايو ٿو لڳي . ڪڏهن وري بنا جهُڙ ۽ مينهن وسڻ جي اندلٺ جا مڙئي رنگ پسائي ٿو .

11 جون 2021ع

صاحب خان "سوره" ميراڻي

نئون ديرو، سنڌ